ماهوار
# بيداري
حيدرآباد

شمارو:- - اپريل - مئي 2024
قيمت: ٢٥ رپيا

ايڊيٽر
محمد موسيٰ ڀٽو

موبائيل نمبر
03463216078

مجلسِ ادارت
- پروفيسر عبدالرحمان جتوئي
- علي اڪبر راهمون
- مولانا محمد رمضان مهيري

E.Mail
m.moosabhutto@gmail.com
www.bedarimillat.

فهرست


| | | |
|---|---|---|
| خود احتسابي جو عمل، ان جي ضرورت ۽ فائدا | محمد موسيٰ ڀٽو<br>عنايت الله | ٣ |
| ذهن کي اجاين خيالن کان بچائڻ جي ضرورت: | محمد موسيٰ ڀٽو<br>عنايت الله | ٥ |
| عقليت پسندي کان عقليت پرستي تائين | محمد موسيٰ ڀٽو<br>عنايت الله | ٧ |
| منفي شعاعن جا طاقتور اثرات ۽ بچاءُ جي صورت | محمد موسيٰ ڀٽو<br>عنايت الله | ١١ |
| اسلام بابت شڪ شبها (مستقل سلسلو) ۽ انهن جا جواب | محمد موسيٰ ڀٽو | ١٥ |
| نفس جي سڌاري جو طريقو (مستقل سلسلو) ۽ زندگيءَ جو دستور العمل | محمد موسيٰ ڀٽو<br>عبدالغني دايو | ٣٩ |
| حج بيت الله | علي اڪبر راهمون | ٤١ |
| اسلامي ڀائيپي جو پيغام | آمنه حامد زبيدي | ٥٧ |
| معاشرتي ۽ ذاتي اصلاح | محمد موسيٰ ڀٽو | ٦٨ |


محمد موسيٰ ڀٽو
عنايت الله

# خود احتسابي جو عمل،
## ان جي ضرورت ۽ فائدا

ذڪر ۽ فڪر سان توانائي ملندي آهي. خود احتسابيءَ سان بيمارين کان بچاءَ جي صورت پيدا ٿئي ٿي. خود احتسابيءَ سان اندر ۾ جهاتي پائي باطن جي صفائي ٿئي ٿي، انسان جي اندر ۾ وڏا وڏا بت هوندا آهن جن جي شعوري يا غير شعوري طور پرستش ٿيندي آهي، اهڙو بتن کي سمجهڻ جو موقعو خود احتسابيءَ سان ملندو آهي جيئن جيئن خود احتسابيءَ جو عمل وڌندو آهي تيئن تيئن بتن جي پڇ ڊاهه جو عمل ٿيندو آهي، اها خود احتسابي ئي هوندي آهي جا فرد کي ٻڌائيندي آهه ته تون هروڀرو پاڻ کي افضل ٿو سمجهين ۽ ٻين کي گهٽ ٿو ڄاڻين اها خود احتسابي ئي آهي جيڪا ماڻهوءَ کي سمجهائي ٿي ته تنهنجي سرگرمين ۾ خود نمائي ۽ شهرت جي جذبي جو عمل دخل آهي.

اها خود احتسابي ئي آهي جيڪا فرد کي ٻڌائيندي آهي ته تو کي مال ڪمائڻ جو حرص آهي ۽ گهٽائيءَ جي مرض ۾ مبتلا آهين، تنهنجي نظر ماڻهن جي کيسن تي هوندي آهي ته ڪيئن به ڪري هنن کان پئسا ملن، اها خود احتسابي ئي آهي جيڪا احساس ڏياريندي آهي ته تون دوستن جي مجلس ۾ گهڻو ڳالهائيندو آهين ۽ سمجهندو آهين ته مان گهڻو ذهين آهيان. خود احتسابيءَ مان ئي معلوم ٿيندو آهي جنهن سان تنهنجو اختلاف ٿيندو آهي ان جي خلاف تنهنجي دل ۾ ساڙ ۽ نفرت پيدا ٿيندي آهي. عبادت رسمي قسم جي آهي يا

حقيقي طرح جي آهي ان جو علم خود احتسابي سان ئي ٿيندو آهي.

مطلب ته خود احتسابي هرغلط عمل ماڻهوءَ تي ظاهر ڪري ڇڏي ۽ ڪيس اهو موقعو ڏئي ٿي ته هو پنهنجي ظاهري ۽ باطني عملن جي اصلاح ڪري، ۽ ذڪر فڪر جيڪو ڪيس توانائي ڏيندو آهي انهيءَ توانائي کي پنهنجي اصلاح جو ذريعو بڻائي. خود احتسابي اهڙو عمل آهي جنهن جي روزانو ضرورت هوندي آهي ته جيئن نفس فرد تي حملو ڪري ڪيس شڪست نه ڏئي. نفس ماڻهوءَ جي غفلت جو فائدو وٺي حملو ڪندو آهي. جيڪو عمل نفس جي مرضي تي ٿئي ٿو اهو آهستي آهستي عادت ۽ مزاج جو حصو ٿي ويندو آهي.

نفس جي واردات جا مختلف طريقا آهن. اڳ ۾ ئي گمراهه ماڻهوءَ کي الڳ طريقي سان ويتر گمراهه ڪندو آهي ۽ نيڪيءَ تي هلڻ واري کي الڳ طريقي سان شڪار بڻائيندو آهي. جيڪو فرد تصوف ۾ سلوڪ واري راهه تي هلندڙ آهي ان کي وري بزرگ بڻجڻ لاءِ پڙڪائيندو آهي. ان موقعي تي خود احتسابيءَ سان ئي نفس جي اهڙي وار کان بچي سگهجي ٿو . اگر خود احتسابيءَ کان ڪم نه ورتو ويو ته نفس جي چوڻ تي هو پاڻ کي بزرگ سمجهڻ لڳندو ۽ وري جيڪڏهن علمي ۽ ذهني صلاحيت هوندس ته اهڙي نام نهاد بزرگيءَ سان دولت ۽ شهرت جي رستي تي به هلڻ لڳندو . سو نفس جا بيشمار حربا آهن جن کان هوشيار رهڻ جي ضرورت آهي.

نفس فقط ذڪر فڪر سان قابو ۾ نه ايندو آهي، انهيءَ لاءِ ”صحبت“ جي به ضرورت هوندي آهي. صحبت يعني بزرگ سان ويجهي تعلق ۾ گهڻو ڪري گڏ رهڻ آهي. صحبت سان بزرگ جي دل مان نڪرندڙ شعاعون طالب جي خود احتسابي واري عمل کي تيز ڪرڻ جو ذريعو بڻجن ٿيون. نفس چڱن ڀلن کي خود احتسابي کان غافل ڏسي قبضي ۾ ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي، سو تمام نازڪ معاملو آهي. نفس وڏو ظالم آهي ڪڏهن گناهن ۾ مبتلا ڪري رب کان دور ڪندو آهي ۽ ڪڏهن نيڪين ۽ عبادتن جي غرور ۾ وجهي تباهه ڪندو آهي.

خود احتسابي دراصل پنهنجي شخصيت تي بي رحمانه تنقيد جو عمل آهي. اهڙي تنقيد سان نفس ۾ ضد اُڀري سگهي ٿي ليڪن ذڪر فڪر ۽ صحبت جا اثرات گڏجي ڪري خود احتسابي جي عمل کي طالب لاءِ آسان بڻائي ڇڏين ٿا. جنهن ذڪر فڪر ذريعي خود احتسابي کان ڪم ورتو ان جي تزڪيي جي عمل ۾ بهتري ايندي وڃي ٿي ۽ سندس زندگي پوريءَ طرح شريعت واري ٿي وڃي ٿي، اها سڀ کان وڏي خوش نصيبي آهي جا خود احتسابي ڪرڻ وارن ماڻهن کي حاصل ٿئي ٿي .

خود احتسابي جو عمل ايترن ته فائدن وارو آهي جو ان جي راهه ۾ ايندڙ سارين رڪاوٽن کي دور ڪري به ان عمل کي جاري رکڻ تمام ضروري آهي. خود احتسابيءَ سان هڪ هڪ ڪري منفي اعمال ۽ منفي عادتن مان نجات ملڻ لڳي ٿي. بس انهيءَ سان گڏ الله تعاليٰ کان خاص فضل جي دعا گهرندو رهڻ گهرجي، ان سان همت ايندي آهي.

محمد موسيٰ ڀٽو
عنايت الله

# ذهن کي اجاين خيالن کان بچائڻ جي ضرورت:

ذهن اهڙي شيءِ آهي جو پوري انساني شخصيت کي ڪنٽرول ڪندو آهي ۽ هن کي متحرڪ ڪندو آهي. جيڪڏهن ذهن مثبت ۽ تعميري سوچ وارو هوندو ته انساني شخصيت جي سٺن بنيادن تي تشڪيل ٿيندي، ٻي صورت ۾ انساني شخصيت فسادن جو شڪار ٿي ويندي. ذهني خلفشار ماڻهوءَ کي تعميري ڪم جهڙو نٿو ڇڏي. ذهن جو مثال اهڙي الماڙيءَ جهڙو آهي جنهن کي ڪٻاڙ جي سامان سان ڀريو وڃي ۽ ان ۾ اهم سامان رکڻ جي جاءِ نه بچندي ذهن جي خاصيت آهي ته يا مثبت خيالن وارو ٿي ڪري ماڻهوءَ کي مثبت رخ ۾ هلائيندو يا وري منفي خيالن سان ڀرجي غلط راهه تي وٺي ويندو . اهو نٿو ٿي سگهي ته ذهنه هڪ ئي وقت مثبت ۽ منفي خيالن جو مرڪز بڻجي .

جيڪو ماڻهو چاهي ٿو ته هو الله جي رستي تي هلي ۽ الله سان تعلق قائم رهي ۽ ايمان ۽ اخلاص سان زندگي گذري ۽ دنيا دارن جي طرز زندگي کان مختلف هجي ته پوءِ هن لاءِ بيحد ضروري آهي ته هو پنهنجي ذهن جي حفاظت ڪري ته جيئن ان ۾ غيرضروري ۽ منفي خيال نه اچن. جيڪڏهن غلط خيال اچي به وڃن ته ذڪر جي ذريعي روڪٿام ڪري، تمام گهٽي مصروفيت ذهن کي ٿڪائيندي آهي، جنهن ڪري ذهن ۾ عبادت ۽ ذڪر جي گنجائش نٿي رهي اهڙيءَ طرح سوشل ميڊيا ۾ وقت گذاري، تفريح يا ٿلهي معلومات لاءِ پروگرامن ڏسڻ جي عادت سان ذهن خراب ٿيندو آهي ۽ ان ۾ نيڪيءَ جا اثرات قبول ڪرڻ جي صلاحيت ڪمزور ٿيندي ٿيندي نيٺ ختم ٿي ويندي آهي. سياست ۽ سياسي ڳالهين ۾ غير ضروري پوڻ، جديد سيڪيولر ذهن جي اسڪالرن جي گفتگو ، تجزيا ۽ تقريرون ٻڌڻ جو شوق وغيره اهي ساريون شيون اهڙيون آهن جيڪي ذهن کي ڪٻاڙخانو بڻائي ڇڏين ٿيون .

اهڙو ذهن ڪنفيوز ۽ منتشر رهندو آهي ۽ ان ۾ صحتمند اثرات قبول ڪرڻ جي صلاحيت ناهي رهندي. ذهن دل ۽ روح جي وچ ۾ پل جو ڪردار ادا ڪندو آهي. پل تي جيڪڏهن خيالات جي ٽريفڪ وڌي وڃي ته منزل تي پهچڻ مشڪل ٿي پوندو آهي. تيز ذهن جي ان تحرڪ سبب دل ۽ روح محبوب لاءِ سِڪندا رهندا. محبوب جي لاءِ بيچيني وڌندي. نه صرف اهو بلڪه ذهن جي ان غيرمعمولي ۽ غيرضروري تحرڪ جي ڪري ماڻهو اسلامي فرض ۽ ڪم به پورا نه ڪري سگهندو . بزرگن ته انهن غيرضرري شين کان بچڻ لاءِ ايتري تائين ڪيو آهي جو جيڪو ضروري ڪم ياد آيو ان کي ڪاغذ تي نوٽ ڪري ڇڏيائون ته جيئن ان ڪم ۾ ذهن گهٽو الجهيل نه رهي ۽ ذهن جو تعميري سوچ وارو عمل متاثر نه ٿئي.

صرف ضروري ڪم ذهن جو حدف هجڻ ڪپن. انهن ۾ به اهميت جي لحاظ کان ترتيب هجڻ گهرجي. ان ترتيب ۾ نماز ، تلاوت، ذڪر، گهر جا ڪم ڪار، ٻارن جي تربيت وغيره . اگر ترتيب ۽ ترجيح ۾ فرق پوندو ته ديني بنيادن تي شخصيت جي تعمير نه ٿي سگهندي ۽ اهو خال ڀرڻ مشڪل ٿي پوندو .

ذهن جڏهن ترتيبوار ترجيحي ڪمن جو عادي ٿي ويندو ته زندگي آسان ٿي پوندي. اڄڪلهه معاشري جي ريتن، رسمن ۽ روايتن ماڻهن جي زندگي کي منجهائي

رکيو آهي ۽ اصل صفا زنجيرن ۾ جڪڙي چڙيو آهي، ماڻهو ان جو حصو بڻجن تي مجبور آهن. اها حالت ۽ ذهنيت مثبت قسم جي محنت نه ٿيڻ جو نتيجو آهي. انهي ڪري اڄ اڳي ڪان وڌيڪ محنت جي ضرورت آهي، جنهن ۾ غور فڪر ۽ ذڪر فڪر هجڻ گهرجي، تڏهن وجي مثبت بنيادن تي تعمير ٿيندي .

محمد موسيٰ ڀٽو
عنايت الله

## عقليت پسندي کان عقليت پرستي تائين

اسلام ۾ عقل جي استعمال تي زور ڏنو ويو آهي. دين ۽ دنيا جي معاملات ۾ جڏهن انسان جو عقل صحيح هوندو آهي ته مسئلن جو صحيح حل سامهون ايندو آهي ۽ انسان جي سهولت لاءِ نيون نيون ايجادون ٿينديون آهن. سائنسي ۽ مادي ترقي عقل جي استعمال سان ٿيندي آهي، ڪائنات جا راز کلندا ويندا آهن، اهڙي طرح عقل جي استعمال سان دين جون حقيقتون سامهون اينديون آهن، چاڪاڻ جو عقل ۽ دل جو پاڻ ۾ گهرو رشتو آهي. غور فڪر ڪرڻ سان دل جون صلاحيتون بيدار ٿينديون آهن. عقل ۽ دل ٻيئي ملي ڪري ڪارناما سرانجام ڏيندا آهن.

پر عقل جڏهن وحيءَ جي رهنمائي نٿو وٺي ته معاملو عقليت پسندي بجاءِ عقليت پرستي جو ٿي وجي ٿو . ان سان اهو مادي انسان تيار ٿئي ٿو جيڪو هن دور ۾ سامهون آيو آهي. عقليت پرستي جي لهر اُڀري آهي. عقليت پرستي اصل ۾ نفس پرستي جي هڪ شڪل آهي. عقل کي جيڪڏهن وحيءَ جي رهنمائي ۾ رکبو ته عقل انسان کي فطرت جي گهراين تائين وٺي ويندو . پر بدقسمتيءَ سان هن دور ۾ عقل جو رشتو وحيءَ کان ڪٽي ڪري نفس سان جوڙيو ويو آهي. نفس پرستي واري عقل پرستي مان مادي نظريا وجود ۾ آيا آهن، جن ۾ خدا، مذهب، وحي ۽ فطرت سليمه کان انڪار آهي. انهن نظرين سان مادي تهذيب وجود ۾ آئي آهي جنهن کي رياستي سرپرستي حاصل آهي. مسلمان ملڪن ۾ به ان مادي تهذيب جي اثر هيٺ طرز زندگي کي هٽي ڏني وجي ٿي.

جڏهن عقليت پسندي سان غور فڪر ڪجي ٿو ته دل جي گهراين تائين رسائي ملي ٿي پر جڏهن ڳالهه عقليت پسندي کان وڌي عقليت پرستي تي پهچي ٿي ته مسئلا پيدا ٿين ٿا عقليت پرستي عالمي تحريڪ بڻجي وئي آهي. ان کان متاثر اسان وٽ به ڪي دانشور دل جي رهنمائي جو انڪار ڪن ٿا، هر شيءِ کي نلهي عقل تي پرکين ٿا. جيئن ته دين جي ڪيترين حقيقتن جو تعلق دل جي گهراين سان آهي، انهي ڪري دل جي صلاحيتن کان محروم عقليت پرستي انهن حقيقتن کي سمجهڻ کان لاچار آهي. انهيءَ ڪري عقليت جي زور تي اسلام جون نيون نيون تشريحون ٿين پيون، جن ۾ هٽرادو نوعيت جون تشريحون شامل آهن ۽ سلف صالحين جي علوم ۽ تحقيق کان بي نياز ٿي پنهنجي پنهنجي فهم وٽان الائي ته ڇا ڇا لکيو پيو وڃي جنهن جو اسلام جي روح سان ڪو تعلق ناهي .

انهيءَ قسم جي عقليت پسندي جا ڇيڙا وڃي ڪري عقليت پرستي سان ملن ٿا. جيتوڻيڪ انهيءَ کي مڪمل طور عقليت پرستي نٿو چئجي پر ان جو آغاز چئي سگهجي ٿو ، ڇو جو ان قسم جي اسلامي تشريح سان سلف صالحين جي ڪيل اسلامي تشريح ۽ انهن جي قرآن ۽ سنت جي علوم جي نفي ٿئي ٿي.

اسلام جي اهڙي عقليت واري تشريح جو سڀ کان وڏو نقصان اهو ٿئي ٿو ته دل ايمان ۽ يقين جي گهراين کان آشنا نٿي ٿئي، سيرت ۽ ڪردار ۾ پاڪيزگي نٿي اچي، عبادت سان دلچسپي نٿي ٿئي، ذاتي اصلاح ۽ تهذيب نفس جو ذوق ختم ٿي وڃي ٿو .

قرآن وسنت جي علوم جي نالي تي ماڻهن کي قرآن وسنت جي روح کان دور ڪرڻ جي اها اهڙي ڪوشش آهي جيڪا تمام خطرناڪ آهي، انهيءَ جو لازمي نتيجو اسلام جي نالي تي دنيادارانه روش جي صورت ۾ نڪرندو ، اهڙي عقليت پسندي آخرڪار عقليت پرستي ڏانهن وٺي وڃي ٿي عقليت پسندي کان عقليت پرستي تائين جو اهو سفر اهڙي نموني طئه ٿئي ٿو جو دانشورن کي محسوس به نٿو ٿئي، اصل ۾ عقل يا ته دل جي رهنمائي ۾ ڪم ڪندو آهي يا وري نفس جي چئي تي هلندو آهي. دل جي رهنمائي سان عقل الله جي محبت جي راهه تي هلندو آهي، چاڪاڻ جو دل الله جي محبت جو مرڪز هوندو آهي. نفس جي چوڻ تي هلڻ وارو عقل دنيا پرستي جي راهه تي هلندو آهي. ظاهري طور تي ڪٿي دين جا ڪيترا به لفظ ۽ اصطلاح استعمال ڪيا وڃن پر ان قسم جو عقل مال دولت جي حرص، شهرت جي شوق، خودنمائي ۽ حسد ساڙ وغيره کان نٿو بچي سگهي.

اسلامي تعليمات جو مقصد انسان کي الله جي زمين تي الله جي عاجز ٻانهي جي حيثيت سان زندگي گذارڻ جي سليقي کان آشنا ڪري ٿو ، جڏهن ته عقليت جي تحريڪ جي زير اثر ماڻهو جهڙي قسم جي ٻڻجي ٿو اهو خودپسندي ۽ وڏائيءَ وارو ٿئي ٿو . ٻنهي قسم جي ماڻهن ۾ اهو بنيادي فرق آهي. اسان وٽ جيڪا عقليت جي لهر موجود آهي ان ۾ مغرب جي ماده پرست انسان جي عقليت پرستي جي تحريڪ جا اثرات شامل آهن. اهي اثرات ڪٿي شعوري طور آهن ته ڪٿي غيرشعوري طور تي موجود آهن، ماده پرست تهذيب اصل ۾ نفس پرست تهذيب آهي، جنهن ۾ نفس جي خواهشن تي ڪا روڪٽام ناهي هوندي. هاڻي جيڪڏهن اسلام جي خوبصورت لفظن ۽ اصطلاحن جو استعمال اهڙي طرح ٿئي جو ان ۾ اسلام جو روح نه هجي، روح جي غذا جو اهتمام نه هجي، الله جي عاجز بندي جي حيثيت سان زندگي گذارڻ واري ڪا ڳالهه نه هجي ته پوءِ ٺلها لفظ ۽ اصطلاح ڪهڙي ڪم جا؟

دانشورن جي قلم ۽ زبان سان اها ڳالهه نڪرندي آهي جا سندن دل ۾ هوندي آهي، اگر دل ايمان ۽ يقين جي نور کان خالي هجي ته دل مان نڪرندڙ لفظ دراصل عقليت جي تحريڪ جو ئي نتيجو هوندا آهن، جنهن سان زبان کي ته ذائقو ملندو آهي پر دل انذاري ۾ رهندي آهي، نوجوان نسل جي حالت رحم جوڳي آهي جو هن کي علمي اعتبار سان عقليت پرستي جي تحريڪ ڏانهن ڌڪيو پيو وڃي ۽ نوجوان انهيءَ تحريڪ جي فريبڪارين کي نٿا سمجهن ۽ هو سمجهن ٿا ته اسلام کان متعارف ٿي رهيا آهيون.

بدقسمتيءَ سان جديديت جي تحريڪ ماڳهين ذهني سطح کي ئي تبديل ڪري ڇڏيو آهي. جيڪو شخص خوبصورت لفظن ۽ جديد اصطلاحن جي استعمال سان گفتگو ڪري ٿو ۽ اسلامي حوالا ڏئي ٿو ته نوجوان ان کان متاثر ٿين ٿا. عقليت جي تحريڪ اهڙي قسم جي چالاڪين کي اختيار ڪري ٿي. حقيقت هيءَ آهي ته عقل کي جڏهن به ڍر ڏني وئي، ان کي حدن ۾ رکڻ بجاءِ اجايو استعمال ڪيو ويو ته ان نفس پرستي جي قوتن جو ساٿ ڏئي شخصيت کي اسلام

جي حقيقت ۾ ان جي روح کان دور ڪري ڇڏيو . تنهنڪري صحيح طرز عمل هي آهي ته عقل کي دل جو همنوا بڻايو وڃي ۾ ڪيس سلف صالحين جي واٽ اختيار ڪرڻ جو پابند بنايو وڃي. اها سلامتي جي راهه آهي، فتنن کان بچاءَ جي راهه آهي.

جديد تعليم يافته ماڻهو اسلام جي نالي تي جديديت کان جلد متاثر ٿي وڃن ٿا، هو پنهنجي علوم جا ته ماهر ٿين ٿا ۽ سندن ذهني سطح به بهتر هوندي آهي پر اسلامي فڪر جي تجزياتي مطالعي جي صلاحيت نه هجڻ سبب ۽ خالي ذهن هجڻ جي ڪري اها حالت ٿئي ٿي ۽ هو صحيح اسلامي فڪر جي صدين جي تسلسل کان دور ٿي وڃن ٿا. سو جيستائين تجزياتي مطالعي جي صلاحيت نه هجي يا طاقتور روحاني ايماني حالت پيدا نه ٿئي تيستائين هنن کي عقليت پسندي جي تحريڪ وارن مذهبي اسڪالرن کان پرهيز ڪرڻ گهرجي. نه ته هنن جي خاص فڪري سانچي ڻهي وڃڻ بعد دل ۽ روح کان خالي عقليت پسندي جي لهرن کان بچڻ مشڪل هوندو .

محمد موسيٰ ڀٽو
عنايت الله

## منفي شعاعن جا طاقتور اثرات ۽ بچاءُ جي صورت

موجوده دور ۾ تقريبن هر ماڻهو منفي شعاعن جي گهيري ۾ آهي. اهي منفي شعاع ڇا آهن؟ منفي عادتن وارن ماڻهن جا عام ماڻهن تي پوندڙ اهڙا اثرات جن جو طبيعت ۽ مزاج تي پوڻ اڻ ٽر آهي. اهي اثر ازخود ٿيندا آهن. مال دولت جو حرص وراثي ويندو آهي. ماڻهو سوشل ميڊيا جو استعمال ڪن ٿا، هو نه چاهيندي به اهي اثر قبول ڪن ٿا. جيئن حسين چهرا ڏسڻ سان ڪجهه دير لاءِ دل ۾ ذهن متاثر ٿين ٿا، ايئن غلط عادتن جو به اثر ٿئي ٿو . دنيا دار ماڻهو جو اثر دين دار ماڻهوءَ تي پوي ٿو . برين عادتن وارن ماڻهن سان گذارڻ يا واسطو رکڻ بلڪه ڏسڻ سان به هنن جي عادتن ۾ خيالن جو عڪس پوي ٿو . ان سان ڇا ٿو ٿئي جو نيڪي وارو لاڙو ڪمزور ٿئي ٿو ۽ آهستي آهستي منفي خيالات وڌندا وڃن ٿا.

جيئن ته معاشرو گهڻو منفي عادتن وارن ماڻهن جو ٿي ويو آهي تنهنڪري اهڙو فرد جيڪو نيڪي ۽ تقويٰ تي هلڻ چاهي ٿو تنهن لاءِ گهڻو مشڪل ٿي ويو آهي جو اهڙن ماڻهن جي اثر کان بچي، ان جون ٻه ئي صورتون آهن. هڪ هي آهي ته متقي، نيڪ ۽ صالح ماڻهنجي صحبت ۾ رهجي، ته جيئن هنن جا مثبت شعاع دلين تي پون ۽ ايماني حالت برقرار رهي ۽ اضافو ٿئي. ٻي صورت هيءَ آهي ته ذڪر جو سهارو ورتو وڃي يعني دل جي گهراين سان الله جو ذڪر ڪيو وڃي. اهو ذڪر ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا ڪيو وڃي. جڏهن به ايماني حالت ۾ ڪمي محسوس ٿئي ۽ فڪري انتشار ٿئي ان وقت الله جي ذڪر سان لڳي وڃجي .

لڳاتار ايئن ڪندو رهڻ سان هڪ وقت اهڙو ايندو جو منفي شعاعن جي مزاحمت جي صلاحيت پيدا ٿيندي بلڪ اهو به ٿيندو ته ماڻهو پاڻ مثبت شعاع ٻين تائين منتقل ڪندو جيستائين اها حالت نٿي ٿئي تيستائين غيرضروري ميل جول ۽ سوشل ميڊيا جي اضافي استعمال کان پرهيز ڪجي. ڇو ته انهن شين سان ايماني حالت ڪمزور ٿيندي آهي .

ذڪر اهڙي شيءِ آهي جنهن سان الله تعاليٰ جو نور ايندو آهي. نماز ۾ به الله جي طرف ڌيان ذڪر سان

ايندو آهي. قرآن ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي ته ”اقم الصلوت لذڪري“ (منهنجي ذڪر لاءِ نماز قائم ڪريو) يعني ذڪر جي نندي ۾ نندي تقاضا به نماز آهي. نفس جي اثر کي گهٽائڻ لاءِ ۽ معاشري جي منفي اثرن کي مٽائڻ لاءِ اهو ضروري آهي .

انهيءَ تفصيل مان معلوم ٿيو ته اسين جنهن ماحول ۾ رهون ٿا اهو ماحول اسان جي ايمان لاءِ خطرناڪ آهي. ايمان جي حفاظت لاءِ متقي ماڻهن جي صحبت ۽ ذڪر (جنهن ۾ نماز به شامل آهي) تمام لازمي آهن. نفس ئي گهڻ خطرناڪ ناهي ويتر معاشرو خطري ۾ اضافو ڪري ٿو . هي نڪتو به سامهون رکڻ ضروري آهي ته ذهن هر وقت سوچيندو رهندو آهي، نفس جي قوت ۽ دنيا دار ماڻهن جي اثر هيٺ ذهن انتشار جو شڪار ٿيندو آهي، پر ذڪر اهڙي شيءِ آهي جيڪو ذهن کي منفي اثرن کان بچائي ٿو . ذهني دٻاءَ ۾ ڪاروبار ۽ معاش جو فڪر، مستقبل جي ڳڻتي، اولاد جي ڳڻ، ماڻهن جي غلط روين جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ ڳڻتي ۽ اهڙن ٻين ذهني دٻائن کان بچاءَ لاءِ ذڪر تمام اهم آهي .

ذڪر ڪو معمولي شيءِ ناهي، اهو تمام وڏي شيءِ آهي، (ولذڪرالله اڪبر) واضح رهي ته مثبت شعاعن ۽ منفي شعاعن جو تعلق نظري نوعيت جي علم سان ناهي بلڪه هي مشاهداتي عمل آهي. جيڪو ماڻهو ذڪر جي مجاهدن ذريعي نفس جي قوت سان ٽڪراءَ ۾ هوندو آهي ان کي روز ان مشاهداتي عمل مان گذرڻو پوندو آهي. ظاهري ۽ رسمي نوعيت جي دينداريءَ سان انهن شعاعن کي سمجهڻ مشڪل آهي. هن دور ۾ ته رسمي دينداري به وڏي ڳالهه آهي. پر يقين ۽ ايمان جي پختگي ۽ نفس پرستي کان الله پرستي تائين سفر لاءِ ان مشاهداتي عمل مان گذرڻ ضروري آهي. جنهن سان دل تي پوندڙ انهن اثرن کي سمجهڻ ۽ بچاءَ جي صورت پيدا ٿيندي جيڪي اثر منفي شعاعن ذريعي شخصيت تي پوندا آهن.

اول ته نفس ذهن جي طرف هر وقت ظلمات منتقل ڪندو رهندو آهي، انهيءَ سان ذهن نفس جي گهيراءُ ۾ اچي ويندو آهي جيڪڏهن ذڪر سان نفس جي دٻاءَ ۾ ڪمي ايندي آهي، ته ٻيو مرحلو منفي عادتن وارن ماڻهن سان ملڻ يا ڪين ڏسندو رهڻ سان دل تي منفي شعاع پوندا آهن، مطلب ته ايمان جي حفاظت لاءِ چومکي لڙائي ڪرڻي پوندي آهي. حديث ۾ آهي ته هڪ اهڙو به وقت ايندو جو ماڻهو پنهنجي ايمان کي بچائڻ لاءِ پهاڙن ۾ هليو ويندو . هڪ شيخ الحديث ان حديث جي تشريح ڪندي چيو آهي ته ان جو مطلب ڪنڊائتو ٿيڻ يعني گوشه نشيني اختيار ڪرڻ آهي.

گوشه نشيني سان به ڳالهيون ٿينديون هڪ هيءَ ته ماڻهو ذڪر لاءِ يڪسو ٿيندو ، شخصيت مستحڪم ٿيندي، ذڪر جو نور حاصل ٿيندو . ٻيون هي ته ماڻهو دنيادار ماڻهن جي منفي شعاعن جي اثر کان محفوظ رهندو . صاحب دل ۽ صاحب نظر شخصيت جي زير اثر خلوت نشيني يعني نويڪلائي ٿيندي. ان سان ضروري ڪم به متاثر نه ٿيندا ۽ دنيادار ماڻهن جي اثر کان بچاءَ جي صورت به پيدا ٿيندي ۽ ذڪر سان مناسبت به پيدا ٿيندي .

ذهن جي خاصيت ئي هي آهي ته اهو هر وقت سوچيندو رهندو آهي، هڪ لمحي لاءِ به رڪندو ناهي. ذهن يا ته نفس پرستي جي قوتن جي زير اثر سوچيندو رهندو آهي، يا ماڻهن جي منفي شعاعن جي اثر هيٺ سوچيندو آهي. ذهن تي حالتن ۽ مسئلن جو دٻاءُ به

پوندو آهي. اهڙو ذهن جنهن جو ڪم ئي سوچيندو رهڻ آهي تنهن ڪي بي قابو ٿيڻ کان بچائڻ انسان لاءِ سڀ کان وڏي آزمائش آهي. ان آزمائش کان بچڻ جون به ئي صورتون آهن، جن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي. هڪ ته صاحب دل شخصيت جي صحبت ۽ ٻيون گهڻو ذڪر ٻيئي شيون گڏجي ذهن ڪي نفس جي يرغمالي ۽ منفي شعاعن جي اثر کان بچائن ٿيون ٻي صورت ۾ ذهني مونجهاري کان بچڻ مشڪل آهي.

اڄ جا انسان انهيءَ خلفشار ۽ مونجهاري جا شڪار آهن، جنهن سبب مادي ترقي ئي ماڻهوءَ جي طلب بڻجي وئي آهي نفس جو يرغمال ٿيل عقل ڪي قابو نه ڪرڻ جي ماڻهوءَ ڪي تمام گهٽي سزا ملي ٿي.

محمد موسيٰ ڀٽو
مستقل سلسلو

## اسلام بابت شڪ شبها
## ۽ انهن جا جواب

### اسلامي عبادتن جي پويان ڪارفرما اصل جذبو:

اصل ۾ اسلام هڪ ڪامل ۽ مڪمل دين آهي جيڪو عقائد، عبادتن ، معاملن ۽ اجتماعي زندگي بابت مڪمل تفصيل ڏي ٿو ، ۽ زندگي جي هر شعبي ۾ رهنمائي ڪري ٿو . اهڙي طرح اسلامي عبادتن جو هڪڙو ظاهري نظام (جسم) آهي ته ٻيو وري ان جو روح آهي. ظاهري نظام ۾ نماز ، روزو ، حج وغيره اچي وڃن ٿا، انهن عبادتن جو اصل مقصد الله جي محبت پيدا ٿيڻ، اخلاص ۽ تقويٰ حاصل ٿيڻ آخرت لاءِ تياري جو فڪر پيدا ٿيڻ، الله جي محبت جي زير اثر ٻانهن سان محبت ڪرڻ ۽ ٻانهن جي حقن جي ادائگيءَ لاءِ روحاني، باطني ۽ اخلاقي قوت جو پيدا ٿيڻ آهي. جيڪڏهن عبادتن مان اهو مقصد حاصل نٿو ٿئي ته پوءِ اهي عبادتون بي معنيٰ ٿي وڃن ٿيون، بلڪل ائين جيئن روح کان سواءِ انساني جسم بي معنيٰ ٿي وڃي ٿو . اهڙي طرح اسلام هڪ مڪمل اڪائي آهي. هاڻي اسلام جي متفرق ۽ مختلف جزن ڪي تنقيد جو نشانو بنائڻ يا تنقيد ڪرڻ وقت اسلام جي اصل روح ڪي سامهون نه رکڻ، اهو ديانتداري جي سراسر خلاف آهي. ان مان اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو ته جي ايم سيد صاحب اسلام جي پيغام ، تعليمات، ان جي مزاج ۽ روح ڪي سمجهيو ئي ناهي مسلمانن جي ڪڏن ڪرتوتن ڪي اسلام سمجهي، ان تي تنقيد ڪئي آهي جيڪڏهن اسلام تي تبصرو ئي ڪرڻو هو ، ته ڪيس دين جي مڪمل حيثيت ڪي سامهون رکڻ گهرجي ها، ۽ عبادتن جي ظاهري نظام سان گڏوگڏ انهن جي اندر ڪارفرما مقصد ڪي به آڏو رکڻ گهرجي ها ۽ ان جي مجموعي گوشن تي تبصرو ڪرڻ گهرجي ها.

"جيئن ڏٺو آهه مون" ڪتاب ۾ هڪ ته علمي اوڻائيون آهن جيڪي تفصيل سان مٿي بيان ڪيون ويون. معلوم ٿئي ٿو ته ڪتاب لکڻ وقت جي ايم سيد صاحب جي ذهن ۾ انهيءَ جذبي کان سواءِ ٻيو ڪوبه جذبو موجود نه هيو ته ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان اسلام جي اميج ڪي بگاڙيو وڃي ۽ ان جي شڪل ڪي ڦيرايو وڃي. مذهب اهو به اسلام جهڙو مذهب، ان تي

تبصري ڪرڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ درجي جي جيڪا سنجيدگي هئڻ گهرجي، بدقسمتي سان ڪتاب ۾ اها سنجيدگي ذري برابر به نظر نٿي اچي.

## اسلام ۽ سائنٽيفڪ سوچ :

ڪتاب جي پي اوٽائي اها آهي ته ان ۾ اسلام جي انهن حقيقتن ۽ صداقتن کان ماڳهين انڪار ڪيو آهي، جن صداقتن کي خود دنيا جا دانشور ، ڏاها، مورخ ۽ سائنسدان علي الاعلان تسليم ڪندا رهيا آهن.

چا اها حقيقت ناهي ته دنيا کي سائنٽيفڪ سوچ جي واٽ تي اسلام لڳايو . قرآن چيو ته ڪائنات ۾ جيڪي ڪجهه آهي اهو سمورو انسان لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي. اسلام مسلمانن تي زور ڏيندي اهو پڻ چيو ته جيڪڏهن اوهين غور فڪر نه ڪندا ته پوءِ موت جي ويجهو پهچي ويندو . اڄ کان 14 سئو سال اڳ جڏهن علم تي وڏن ماڻهن ۽ مذهبي مهندارن جي هڪ هٽي قائم هئي هر طرف اوندهه انڌوڪار هئي سائنسي سوچ جو تصور ڪرڻ به مشڪل هيو . اهڙي دور ۾ سائنٽيفڪ سوچ تي زور ڏيارڻ جو ئي نتيجو آهي جو اڄ انسان علم ۽ سائنسي ترقي جي موجوده حالت تائين پهتو آهي. اها ڪا خالي خولي دعويٰ ناهي، پر مغربي محققن هينئر اهو ثابت ڪيو آهي ته موجوده سائنسي ۽ علمي ترقيءَ جا باني مسلمان ئي آهن. ان موضوع تي ممتاز مغربي محقق رابرٽ بريفالٽ جو ڪتاب ”تشڪيل انسانيت“ اهم ، معلوماتي ۽ تاريخي ڪتاب آهي. جنهن ۾ هن تفصيل سان ٻڌايو آهي ته مغرب کي مختلف علمن ۽ فنن ۾ جنهن ترقي تي ناز آهي، اها ترقي اسپين جي مسلمانن جي يونيورسٽين جو ئي فيض ۽ نتيجو آهي. مٿيون ڪتاب مجلس ترقي ادب لاهور طرفان اردو ۾ شائع ٿيل آهي، جيڪو مارڪيٽ ۾ موجود آهي. دنيا جا مفڪر ، محقق ۽ مدبر اسلام ۽ ان جي پيغمبر جي ڪارنامن جي تعريف ۾ رطب السان آهن. مائيڪل هرسٽ پنهنجي ڪتاب (100. GREAT MEN) ۾ پيغمبر صلي الله عليه وسلم کي دنيا جي وڏن انسانن جي لسٽ ۾ پهريون نمبر تي جاءِ ڏي ٿو . جارج برنارڊشا جهڙو ڏاهو چوي ٿو : ”اڄ جيڪڏهن محمد صلي الله عليه وسلم موجود هجي ها ته جيڪر دنيا جا سمورا مسئلا منٽن ۾ حل ٿي وڃن ها.“ اسلام جي خوبين بابت دنيا جي ڏاهن ۽ ممتاز فاضلن جي راءِ لاءِ ڏسو ڪتا ب”غيرمسلم مشاهير عالم اور محاسن اسلام“ (اهو ڪتاب سنڌي ۾ زير اشاعت آهي) آخر جي ايم سيد صاحب جي نظرن کان اسلام جو روشن ڪردار اوجهل چو آهي. آخر اها ڪهڙي شيءِ آهي، جيڪا ان معاملي ۾ ڪيس انصاف تي ٻڌل راءِ قائم ڪرڻ کان جهلي رهي آهي. بهرحال چا به هجي، اسين سنڌس انهيءَ جذباتيت ۽ مذهب جي خلاف هڪ طرفي سوچ ۽ اسلام کي معاف نه ڪرڻ واري روش کي سنڌس قابل رحم ۽ معذوري واري حالت سمجهي همدرديءَ جو مستحق سمجهون ٿا.“

## اسلام کي رد ڪرڻ کان پوءِ انساني زندگي ۾ پيدا ٿيل خال ڪيئن پربا؟

اسلام جي صداقت جا ٻيا به ڪيترائي پهلو آهن جن کي هرگز نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. مذهب (اسلام) کي رد ڪرڻ کان پوءِ انساني زندگي ۾ اهڙا خال پيدا ٿيو وڃن ٿا، جيڪي ٻئي ڪنهن به طريقي سان پرجي نٿا سگهجن. ان کان سواءِ ذهن ۾ اهڙا منجهائيندڙ سوال پڻ پيدا ٿين ٿا جن جا ڪي جواب ئي نٿا ٿي سگهن.

(1) مذهب (اسلام) کان سواءِ انساني روح جي اضطراب کي ختم ڪرڻ جو طريقو ڪهڙو آهي؟ جيئن جسم کي کاڌ خوراڪ گهرجي، تيئن روح کي به باطني غذا گهرجي. مذهب کي رد ڪرڻ کان پوءِ روح کي اها باطني غذا ڪٿان ملندي ؟ ڇا اهو انسان جي وس ۾ آهي ته اهو اهڙيون شيون ايجاد ڪري، جنهن سان انساني روح اڃ مري وڃي تانته ان جي مطالبن ۽ گهرجن کان بچي سگهجي، ان سان گڏوگڏ انساني جان ۽ جسم به پوري طرح ڪم ڪندا رهن، يقينا انسان اهڙا اوزار پيدا ڪرڻ کان بي وس آهي. ته پوءِ سوال هي آهي ته روح جي غذا ڪٿان حاصل ٿي سگهي ٿي. مادي سوچ رکندڙ ماڻهن وانگر روح جي انڪار ڪرڻ سان ته مسئلا حل ٿي نٿا سگهن.

(2) مذهب انسان جي اندر ۾ هڪ اعليٰ محاسب ويهاري ڇڏي ٿو، جنهن کي اوهين ضمير چئو يا ٻيو ڪجهه ، ضمير جي اها طاقت انسان کي هر وقت برائي کان روڪيندي رهي ٿي، ۽ نيڪين ۽ ڀلائين تي آماده ڪندي رهي ٿي. مذهب (اسلام) کي رد ڪرڻ کان پوءِ ضمير جي طاقت جو نعم البدل ڪهڙو ٿي سگهي ٿو . مثال طور انساني زندگي ۾ جيڪي به بنيادي برائيون موجود آهن زنا، قتل، چوري، ڪوڙ ڳالهائڻ، ڌوڪو ڏيڻ، انسانن کي ايذائڻ وغيره. هر انسان اهو توڙي دنيا جي ڪنهن به ملڪ ۾ پيدا ڇو نه ٿيو هجي، ان جي فطرت ۾ انهن بُرائين سان نفرت جون جذبو رکيو ويو آهي اهو مذهب ئي آهي جيڪو انهيءَ جذبي جي نشاندهي ڪري ٿو ، ۽ ان جي تفصيل ٻڌائي ٿو . مذهب جي انڪار ڪرڻ کان پوءِن انهيءَ فطري جذبي جي توجيهه ڪهڙي ڪري سگهجي ٿي .

(3) دنيا ۾ اڄ به لکين ڪروڙين انسان اهڙا آهن، جيڪي اسلام لاءِ جان به قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهن، افغانستان ۽ ايران ۾ ان جو جيڪو مظاهرو ٿيو آهي، اهو ته ڪلهوڪي ڳالهه آهي، اسلام کي رد ڪرڻ کان پوءِ انهيءَ مذهبي جذبي جي ڪهڙي توجيهه ڪري سگهبي، ڇا ڪوڙي مذهب ۾ ايتري طاقت ٿي سگهي ٿي؟

(4) حضور صلي الله عليهه وسلم جن پنهنجي زندگي، ڪردار ۽ سيرت جي ذريعي دنيا تي جيڪي اڻمٽ نقشا ڇڏيا ۽ اخلاق جا جيڪي نمونا قائم ڪيا، ڇا دنيا ۾ ان جو ڪو به نظير ملي سگهي ٿو . جعلي نبي يا ڪوڙو مذهب اهڙو عظيم ڪردار ڪيئن تخليق ڏيئي سگهي ٿو .

(5) اسلام جي ڪابه ڳالهه ۽ قرآن جي ڪا به آيت سائنس جي ثابت ڪيلن حقيقتن جي ابتڙ نه آهي. بلڪه جيئن جيئن علم ۽ سائنس ۾ واڌارو ٿيندو وڃي ٿو ، تيئين قرآن جي آيتن جي صداقت ويتر وڌيڪ نروار ٿيندي وڃي ٿي. ڇا ڪنهن غلط مذهب ۾ سليم عقل ۽ ثابت ٿيل سائنسي صداقتن سان ٺهڪي ٻيهڻ جي ايڏي صلاحيت پيدا ٿي سگهي ٿي .

(6) دنيا ۾ حق جي صداقت ۽ برتريءَ لاءِ پيغمبرن وقت جي ظالمن پاران مارون کاڌيون، ظلم سٺا، ۽ هر قسم جون قربانيون ڏنيون، هزارين پيغمبرن انهيءَ ڏس ۾ هر قسم جا ڏک سٺا. انهيءَ جاکوڙ مان هنن ڪو به دنياوي فائدو حاصل نه ڪيو ، ڇا انساني تاريخ ۾ پيغمبرن کان سواءِ ايڏي عظيم قرباني جا ٻيا مثال ملي سگهن ٿا. اتفاقي مثال نه پر لڳاتار اهڙا مثال ۽ واقعا موجود آهن.

(7) اسلام دنيا کي لکين مورخ، محقق، فاضل، درويش، ولي ۽ قطب ۽ عادل حڪمران ڏنا. ٻيو ڪهڙو

مذهب يا نظام آهي، جنهن انسانن کي هر شعبي ۾ اهڙيون عظيم شخصيتون ڏنيون آهن.

ان کان سواءِ به ٻيا ڪيترائي سوال آهن جيڪي اسلام کي رد ڪرڻ کان پوءِ اڀرن ٿا، جن جا جواب ڏيڻ ممڪن ئي ناهي، اسلام کي هندومت ۽ ٻُڌڌرم سان ڀيٽڻ اهو وڏو ظلم آهي، هندو ڌرم ۽ ٻڌمت ته چند ظاهري رسمن جو مجموعو آهن، جڏهن ته اسلام پورو دين ۽ نظام زندگي آهي، جيڪو الله ۽ ٻانهن جي حقن جي ادائيگي جو نالو آهي. جي ايم سيد صاحب جي اها دعويٰ ۽ ڪوشش بيڪار ۽ لاحاصل آهي ته سندس لکڻين سان اهڙو نئون مذهب وجود ۾ اچي وڃي، جنهن ۾ سڀني مذهبن جو ميلاپ هجي،مغل حڪمران اڪبر پنهنجي شاهي اختيار کان ڪم وٺي، پنهنجو نئون دين الاهي ٺاهي، ان کي رائج ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ان لاءِ هن وس هلايا، پر هو انهيءَ ڪوشش ۾ هڪڙو قدم به اڳتي نه وڌي سگهيو ته جي ايم سيد صاحب انهيءَ ڪوشش ۾ ڪيئن ڪامياب ٿي سگهي ٿو . مذهب جيڪي هزارين سالن جو قيمتي ورثو هوندا آهن، جن کي فروغ ڏيڻ لاءِ الله جي نيڪ ٻانهن زندگيون صرف ڪري ڇڏيون هونديون آهن، انهن مذهبن کي ختم ڪري، انهن جي جاءِ تي نوان مذهب ٺاهڻ يا انهن جي ميلاپ سان مذهب جي نئين صورت جوڙڻ، اهو جي ايم سيد صاحب ته ڇا، موجوده طاقتور حڪومتن جي به وس کان ٻاهر آهي. روس ۽ چين ۾ مذهب جي خلاف حڪومتن جي تمام ترڪوششن جي باوجود جنهن طاقت سان هو نئين سر اڀري رهيو آهي ان تي اهي ماده پرست قوتون ۽ حڪمران انتهائي پريشان آهن.

## آخر مذهب جي خلاف هي جنگ ڇو ؟

”جيئن ڏٺو آهه مون“ ڪتاب جي بنيادي ۽ اهم نڪتن تي اسان جي انهيءَ چند ڇاڻ ۽ علمي جائزي مان اها ڳالهه پڌري ٿي وڃي ٿي ته جناب جي ايم سيد صاحب جي مذهب ۽ مذهب جي بنيادي حقيقتن تي تنقيد ڏند ڪٿائن تي ٻڌل آهي. ان جو صحيح معلومات، عقل ۽ حقيقت سان ڪو واسطو ناهي. هاڻي سوال هي آهي ته آخر جي ايم سيد صاحب صحيح ۽ آخري ڪامل مذهب يعني اسلام ۽ ان جي حقانيت جي خلاف ايترو سخت ڇو آهي، هو پنهنجي عمر عزيز جو قيمتي، اهم ۽ آخري حصو اسلام جي خلاف ڪتاب لکڻ، ذهن ٺاهڻ ۽ جنگ جوٽڻ ۾ صرف ڪرڻ لاءِ ايڏو فڪرمند ڇو آهي. وحدت اديان (مذهبن جي ميلاپ) لاءِ ايڏي ڳڻتي ڇو اٿس؟ ان جو هڪڙو سبب ته اهو آهي ته موصوف جي ذهني تربيت ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جي زير اثر ٿي آهي. (جيڪا وحدت الوجود ۽ مذهبن جي ميلاپ جي علمبردار هئي جي ايم سيد صاحب پاڪستان کان اڳ سالن جا سال انهيءَ سوسائٽي جي دانشورن ۽ ليڊرن جي صحبت ۾ رهيو ، ۽ انهن جي اجلاسن ۾ باقائده شريڪ ٿيندو رهيو . صحبت جو اثر يقيني ۽ اٽل هوندو آهي، ڪٽر کان ڪٽر مذهبي ماڻهو به جيڪڏهن غيرمذهبي ۽ لادين فرد جي صحبت ۾ رهندو ته آهستي آهستي سندس مٿان ان جو رنگ چڙهڻ شروع ٿيندو ۽ هو پاڻ کي ان جي اثرات کان بچائي نه سگهندو . شيخ سعدي چوي ٿو:

صحبت صالح ترا صالح ڪند _ صحبت طالع ترا طالع ڪند

ان ڪري مولانا روميءَ چيو آهي ته نانگ جي زهر جو ته علاج ٿي سگهي ٿو پر غلط ماڻهوءَ جي صحبت جو ڪو علاج ئي ڪونهي.

## ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جو مقصد ڇا هيو ؟

ٿياسافيڪل سوسائٽي جو نقطه نظر اهو هو ته انسانن جي اتحاد جي واٽ ۾ خاص طور تي اهو مذهب رڪاوٽ آهي، جيڪو توحيد تي وڌ ۾ وڌ زور ڏئي ٿو ۽ جنهن جي دعويٰ آهي ته اڪيلو اهو ئي سچو دين آهي (يعني اسلام) جنهن (دين) جو چوڻ آهي ته ٻيا سمورا مذهب ملاوٽ سبب صحيح ۽ سچي تعليم کان پري ٿي چڪا آهن. ان ڪري ٿياسافيڪل سوسائٽي سنڌ جي مسلمان خاندانن مان ذهين نوجوانن کي هٿ ڪري، مختلف طريقن سان انهن کي ڦاسائي، انهن جو گهيراءُ ڪري، انهن تي سخت محنت ڪندي رهي ۽ سندن ذهنن ۾ پنهنجو اهو نظريو ويهارڻ جي ڪوشش ڪندي رهي. ان ڏس ۾ سوسائٽيءَ کي ٻين مسلمانن کي متاثر ڪرڻ ۾ ته ايڏي گهڻي ڪاميابي حاصل نه ٿي سگهي، پر اها جي ايم سيد صاحب کي پنهنجو همنوا بنائڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي، جيڪو بهرحال هڪ الميو آهي. ٿياسافيڪل سوسائٽي جو ظاهري مقصد ته اهو هو ته مذهب جي آڌار تي انسانن جي وچ ۾ نفرت، ڪدورت ۽ دوئي ختم ڪري هر مذهب جي چڱين شين کي اختيار ڪيو وڃي ۽ اهڙي ذهن جا ماڻهو ٺاهيا وڃن، جيڪي سڀني مذهبن کي سچو سمجهي، انهن جي عزت ڪن، ظاهري طور تي ته سوسائٽي، اهو پئي چاهيو پر هن جو اندروني طور تي جيڪو مقصد هو ، اهو اهو هو ته اسلام کي ڌڪ پٺيو وڃي ۽ ان جي ترقي ۽ وڌاءَ کي روڪيو وڃي. هن سوسائٽي ۾ ڪي هندو ۽ فارسي دانشور پيش پيش هيا، انهن اسلام جي تاريخ ۽ ان جي عروج جو گهڻو مطالع ڪيو ، انهن کي اسلام جي حوالي سان جيڪا پريشاني ۽ فڪرمندي موجود هئي، سا اها هئي ته هي دين پنهنجي شروعات واري زماني ۾ پنجاه سان جي اندر اندر دنيا جي اڌ کان وڌيڪ حصي تي غالب پئجي ويو هو ۽ ان وقت جون سموريون متمدن قومون اسلام جي تابع ٿي چڪيون هيون، اسلام جا اصول ايڏا ته زرين، فطرت سان ٺهڪندڙ ۽ طاقتور آهن، جو جيڪڏهن مسلمان هينئر به بي عملي ۽ غفلت ڇڏي انهن اصولن کي اختيار ڪري، توحيد جو نعرو بلند ڪري اٿن ته هو سڀني قومن جي مٿان غالب پئجي سگهن ٿا، ۽ وڏي کان وڏي مادي قوت به انهن جو مقابلو ڪري نٿي سگهي. اهو اهو ڊپ هو ، جيڪو هندو ۽ فارسي دانشورن جي تحت الشعور ۾ ڪم ڪري رهيو هو . انهيءَ مقصد خاطر ئي انهن ٿياسافيڪل سوسائٽي قائم ڪري، ذهين مسلمانن کي نشانو بنائڻ شروع ڪري ڏنو هو ، ورنه سوسائٽي ۾ شامل هندو ۽ فارسي ميمبرن جي پنهنجي حالت اها هئي جو اهي انفرادي توڙي اجتماعي زندگي ۾ پنهنجن مذهبن تي اٽل هيا ۽ ڪٽر مذهبي هيا. البته مسلمانن کان انهن جو اهو مطالبو هيو ته اهي پنهنجي دين جي عقيدن ۽ تعليمات کي ڇڏي، رواداري جو ثبوت ڏين. جيئن ته جي ايم سيد صاحب جي ذهني تربيت گهڻي ڀاڱي ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جي اثر هيٺ ٿي، ان ڪري هو ٻين مذهبن سان ته رواداري رکي ٿو پر هو اسلام کي ڪنهن به قيمت تي بخشڻ لاءِ تيار ناهي .

### ٻيو سبب :

جي ايم سيد صاحب جو مذهب جي برخلاف ٿيڻ ۾ هڪڙو ٻيو سبب اهو پڻ آهي ته پاڪستان بنجڻ کان پوءِ اسلام جي نالي تي مفاد پرست سياستدانن جيڪا سياست اختيار ڪئي، اها چالاڪي، عياري، ۽ مفادپرستي جي سياست هئي، انهيءَ سياست ۾ بظاهر ته نالو

اسلام جو هيو ، پر عملا مقصد هڪڙي خاص طبقي ۽ علائقي جي ماڻهن کي نوازڻو هو ۽ ملڪ جي سياست معيشت، تجارت ۽ هر شعبي تي انهن جي هڪ هٽي قائم ڪرڻي هئي، جن ماڻهن اهو ڪڏو ڪم ڪيو ، اهي اقتدار جا صاحب هيا، ۽ ملڪ جون واڳون انهن جي هٿن ۾ هيون اهڙي طرح جي ايم سيد صاحب کي سياست ۾ لڳاتار ناڪاميون ڏسڻيون پيون سنه 1945ع کان وٺي هو سياست ۾ ڏک مٿان ڏک کائيندو رهيو آهي. هو پنهنجي انهيءَ سياسي ناڪاميءَ ۾ اسلام کي ئي قصور وار سمجهي ٿو . جنهن منجهس مذهب جي خلاف شديد رد عمل پيدا ڪري ڇڏيو . حقيقت پسندي ته اها هئي ته نفرت جو سڄو رخ ظلم ۽ ظالم جي برخلاف هجي ها پر ان معاملي ۾ سندس سڄو نزلو اسلام تي اچي ڪريو .

ان سان گڏوگڏ ملڪ جي ورهاڱي سبب جيڪي ماڻهو هجرت ڪري سنڌ ۾ آباد ٿيا، بدقسمتيءَ سان انهن جي مزاج ۾ جذباتيت ڪُٽي ڪُٽي پري وئي هئي پنهنجي ڪلچر، ۽ ٻوليءَ جي بالادستي جو جذبو به منجهن سختيءَ سان موجود هيو ، وري مقامي ڪلچر ۾ به ايڏي طاقت ڪين هئي. جو اهو از خود هجرت ڪندڙن جي مٿان غالب پئجي وڃي ها. ان ڪري ٻن ڪلچرن جي هڪ ٻئي سان قربت، ڏي وٺ ۽ ميلاپ جي بجاءِ دوري ۽ دشمني جي وٺي وڌندي وئي. ٻنهي طبقن جي دانشورن ۾ به ڪي اهڙا دانشور پيدا ٿي نه سگهيا، جيڪي ٻنهي لساني قومين جي ڪلچرن جي چڱن پهلوئن کي نمايان ڪري ٻنهي کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻين ها.

## ٽيون سبب:

هڪ ته سياست ۾ مذهب جي پردي ۾ ناجائز مفادات جي جنگ شروع ڪئي وئي، عدل ۽ انصاف جو جنازو ڪڍيو ويو . زندگي ۾ اڳتي وڌڻ جا مساويانه موقعا ختم ڪيا ويا. ان جي مٿان وري ٻيو ويڌن اهو ٿيو جو خالص مذهبي ميدان ۾ مذهب جي جيڪا ترجماني ۽ نمائندگي ٿيندي رهي، اها مذهب جي روح ۽ ان جي اصليت کان خالي رهي، ان ۾ جمود، مسلڪي ۽ جماعتي تعصب، نئين دور جي حالتن کان بي خبري، اسلام کي گروهه بندي ۾ محدود ڪرڻ، ننڍين ننڍين مسئلن تي اختلافات ۽ دشمني جو محاذ گرم رکڻ ۽ هڪ ٻئي جي خلاف باهه ٻاري ڏيڻ، مذهبن جي حوالي سان سرمائيداري ۽ جاگيرداري کي تحفظ فراهم ڪرڻ جهڙيون اوڻائيون موجود رهيون، مذهبي طبقي جي انهن ڪمزورين ٻين وانگر جي ايم سيد صاحب کي پڻ مذهب جي صداقت بابت شڪ شهبي ۾ مبتلا ڪرڻ تي اپاريو . حالانڪه مذهب جي نمائندگي ۽ ان جي صحيح بنيادي ۽ اصولي تعليمات اهي ٻئي هڪ ٻئي کان ڌار شيون آهن. انهن ٻنهي جي اصولي فرق کي نه سمجهڻ دانشمندي هرگز ناهي مذهب جا اصول جيڪڏهن شاندار ۽ قابل عمل آهن، انهن تي عمل نٿو ٿئي ته ان ۾ مذهب کي قصوروار نٿو ٺهرائي سگهجي.

## اسلام ۽ انسانيت جي نجات ۽ اتحاد جو پروگرام:

اسلام ته دراصل انسانيت جي نجات ۽ بني نوع انسان جي اتحاد جو داعي آهي، هن جو پيغام نه ته ڪنهن خاص گروه ، فرقي يا جماعت لاءِ آهي نه وري هو ڪنهن خاص نسل جي چوڌڪاري جو دعويدار آهي، اسلام گروهي، نسلي، علاقائي، جماعتي مفادات ۽ تعصبات کان بلڪل پاڪ آهي. هو هڪ آفاقي ۽ بين

الاقوامي پيغام جو حامل آهي. اسلام جي دعويٰ آهي ته جيئن ته انسان ذات الله جي مخلوق ۽ ان جو ڪٽنب آهي ۽ هڪڙي فرد آدم عليه السلام جي اولاد آهي، ان ڪري زندگي جي بنيادي حقن، پنهنجي صلاحيتن جي استعمال ۽ اڳتي وڌڻ جي برابري جي موقعن ڏيڻ جي معاملن ۾ انسانن جي وچ ۾ ڪو به فرق ۽ ڀيائي نه هئڻ گهرجي.اسلام هر هڪ انسان جي جان، مال ۽ عزت آبرو کي هڪڙي نظر سان ڏسي ٿو ، ۽ ان جي حفاظت ڪري ٿو . ان جو اندازو حضور صلي الله عليه وسلم جي انهيءَ دعا مان لڳائي سگهجي ٿو جيڪا پاڻ صلي الله عليه وسلم نماز مهل گهرندا هيا.

” اي مولا! منهنجي ۽ سڄي دنيا جا پالڻهار! مان گواه آهيان ته تون ئي سڄي دنيا کي پيدا ڪندڙ آهين، تو کان سواءِ ٻيو ڪو به پالڻهار ناهي. اي منهنجا مولا ۽ سڄي دنيا جا پالڻهار! مان گواهي ٿو ڏيان ته محمد صلي الله عليه وسلم ان کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي ته تنهنجو ٻانهو ۽ رسول آهي. اي منهنجا مولا! ۽ سڄي دنيا جا پالڻهار ! مان گواهه آهيان ته تنهنجا سمورا ٻانها پاڻ ۾ ڀائر آهن. توڙي جو اهي بظاهر هڪ ٻئي کان مختلف ڇو نه هجن پر تون انهن سڀني کي انسانيت واري رشتي ۾ ڳنڍي ڇڏيو آهي.“

هن دعا جي تشريح ڪندي مولانا ابوالڪلام آزاد لکي ٿو: ”هن دعا تي غور ڪريو ، دعا ۾ هڪ ٻئي پٺيان لڳاتار ٽي شاهديون ڏنيون ويون آهن. پهرين شهادت الله تعاليٰ جي توحيد ۽ ربوبيت جي باري ۾ آهي، ٻي شهادت رسول جي رسالت، بندگي ۽ ٻانهپ جي باري ۾ آهي، اهي ٻئي شهادتون اسلامي عقيدن جو بنياد آهن انهن ٻنهي عظيم عقيدن جي شهادت سان گڏوگڏ جيڪا ٽين شهادت ڏني پيئي وڃي، يقينا اها به ايڏي ئي اهم هوندي، اها شهادت آهي: ”ان العباد کلهم اخوة“ اي مولا! جيتوڻيڪ انسان پنهنجي مرضيءَ سان پاڻ کي مختلف جماعتن، ٽولن ۽ برادرين ۾ ورهائي ڇڏيو آهي پر مان گواهي ڏيان ٿو ته جيئن تنهنجي وحدانيت ۽ تنهنجي رسول جي رسالت برحق آهي، بلڪل ساڳي طرح هي سمورا انسان انسانيت واري رشتي ۾ منسلڪ هجڻ ڪري پاڻ ۾ ڀائر آهن. انسان، جهالت سببان ان مقدس ۾ عظيم رشتي کي ئي فراموش ڇو نه ڪري ڇڏيو هجي، پر بهرحال هي رشتو پنهنجي جاءِ تي قائم ۽ اٽل آهي. پاڻ سڀوَرن توحيد ۽ رسالت کان پوءِ جنهن حقيقت کي واضح ڪرڻ پئي چاهيو ، اهو انسان جي انساني برادري وارو تعلق آهي.

قرآن پاڪ ۾ يا اسلامي اصطلاح ۾ جڏهن ”شهادت“ جي لفظ سان ڪنهن عقيدي جو اظهار ڪيو ويندو آهي ته اهو هڪ خاص مقام حاصل ڪري وٺندو آهي هتي ان بابت وڌيڪ تفصيل ۾ وڃڻ جو موقعو ناهي. ائين ڪٿي سمجهو ته شهادت جي معنيٰ ڪنهن ڳالهه جي گواهي ڏيڻ يا تصديق ڪرڻ آهي. شهادت ان وقت ڏني ويندي آهي. جڏهن هيئيون ٻه ڳالهيون موجود هجن، هڪ هي ته جنهن ڳالهه بابت شهادت ڏني وڃي تنهن تي گواهه کي ايترو يقين هجي جيترو اکين ڏٺي ڳالهه تي هوندو آهي. ٻيو اهو ته جنهن حقيقت متعلق گواهي ڏني وڃي اها ايترو غائب ٿي ويئي هجي جو دنيا ان کي مڃڻ لاءِ تيار نه هجي، تنهن ڪري ان حقيقت کي واضح ڪرڻ لاءِ ضروري ٿي پوي ته ان حقيقت تي شهادت ۽ گواهي ڏني وڃي تانته دنيا ان کي مڃڻ لاءِ تيار ٿي پوي. جيڪڏهن حالت ان کان مختلف هجي ته پوءِ شهادت جو لفظ استعمال ڪرڻ ٺيڪ ناهي اهڙي حالت لاءِ شهادت کان وڌيڪ ٻيا

ڪيترائي لفظ ملي سگهن ٿا جن سان مقصد بيان ڪري سگهجي ٿو .

اهو ئي سبب آهي جو اسلام جن جاين تي به شهادت جو لفظ استعمال ڪيو آهي اهي سڀ اهم عقيدن ۽ ايمان سان تعلق رکندڙ شيون آهن جن کي انسان پنهنجي جهالت ۾ گمراهي سببان مڃڻ لاءِ تيار نه هو ، تنهن ڪري ضروري ٿي پيو ته انهن ڳالهين متعلق ڀيهر شهادت ڏني وڃي ته جيئن انسان جو يقين پختو ۽ عقيدو صاف ٿئي ۽ انهن حقيقتن کي غلط يا باطل سمجهڻ جي روش ڇڏي ڏني وڃي. وري شهادت ۽ گواهي جون به ڪيئي قسمون آهن جن جي تشريح ۽ وضاحت جي هيءَ جاءِ ناهي.

هن دعا ۾ جيئن توحيد ۽ رسالت لاءِ ”شهادت“ جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي. بلڪل ساڳي نموني انساني برادري ۽ ڀائپي واري حقيقت تي به شهايت ڏني ويئي آهي، جنهن مان ٽي ڳالهيون ظاهر ٿين ٿيون پهرين هي ته اسلام انساني برادري ۽ ڀائپي قائم ڪرڻ کي ڪيڏو اهم ۽ وڏو مسئلو سمجهي ٿو . جو ان لاءِ ”شهادت“ جو لفظ استعمال ڪيو ويو ، جيڪو فقط ايمان ۽ عقيدي جي بنيادي ڳالهين جي اقرار لاءِ ادا ڪيو ويندو آهي.

ٻيو هي ته انسان ذات کي هڪ برادري تصور ڪرڻ بحيثيت انسان جي اها نهايت اهم حقيقت هئي، جنهن جو اسلام وڏ ۾ وڏ يقين پيدا ڪرڻ پئي چاهيو ايترو يقين جيترو گواهي ڏيڻ وقت گواهه ڪنهن ڳالهه بابت رکندو آهي.

ٽيون هي ته اها حقيقت هئي جنهن کي ان وقت سڄي دنيا غلط ۽ ڪوڙ سمجهي ويٺي هئي جيئن ته ان حقيقت کي ڪوڙو سمجهيو ٿي ويو . تنهن ڪري ضرورت هئي ته ان تي گواهي ڏيئي، ان جي صداقت تي مهر هڻئي وڃي جيڪا هميشه هميشه لاءِ قائم رهي. (تفصيل لاءِ ڏسو ، ”قوميت هڪ تجزيو هڪ مطالعو“ مضمون مولانا ابو الڪلام آزاد، شائع ڪندڙ سنڌ نيشنل اڪيڊمي حيدرآباد ).

اهڙي عالمگير دعوت واري دين کي ڪنهن خاص مذهبي گروهه يا فرقي جي نجات تائين محدود ڪرڻ، اهو اسلام جي روح کي نه سمجهڻ آهي. اسان جو مذهبي طبقو پنهنجي انهيءَ غلط طرز عمل جي ڪري نوجوان نسل کي مذهب کان جنهن نموني سان پري ڪري رهيو آهي، ڪاش ڪيس ان جو اندازو ٿئي.

## ماضيءَ جي تحريڪن جي حوالي سان جي ايم سيد جي ذميواري:

بهرحال جي ايم سيد صاحب کي مذهب کان پري ٿيڙڻ ۾ عوامل ۽ سبب ڪهڙا به هجن فرضي ڳالهين کن غلط فهمين، ۽ فردن کي ذاتي ڪمزورين سبب مذهب ۽ ان جي انقلابي پيغام، نظريي ۽ تعليم جي برخلاف بيزاري پيدا ڪرڻ ۽ معصوم ۽ خالي نوجوانن جا ذهن پراگنده ڪرڻ اهو جي ايم سيد جهڙي بزرگ ۽ سمجهو انسان کي هرگز نه سونهي. اها ڳالهه جي ايم سيد صاحب جي وقار ۽ شان جي سراسر خلاف آهي. جي ايم سيد صاحب جو جنهن خاندان ۽ نسل سان تعلق آهي، اهو خاندان مذهبي پيشوائي جي ذريعي بي شمار انسانن جي دنياوي ۽ روحاني خوشي ۽ سڪون جو باعث بڻجندو رهيو آهي. اهڙي طرح سندس خاندان جي بزرگن جي هٿان انسانن کي ذهني، نفسياتي ۽ اخلاقي طور وڏو سهارو ملندو رهيو آهي ۽ انهن جي بدولت هزارين لکين ماڻهو اسلام ۽ ايمان جي واٽ تي گامزن رهيا آهن.

جي ايم سيد صاحب جي موجوده حيثيت ۾ به سندس بزرگن جي ديني خدمتن ۽ محنت کي عمل دخل حاصل آهي. اهو پنهنجي وڏن سان نسلي تعلق هئڻ ڪري هڪ ته انهن جي جائداد جو حقدار ٿيو ، (اها جائداد جيڪا انهن کي مذهبي خدمتن جي ڪري ملي هئي) ٻيو اهو ته مسلمان جي حيثيت سان مسلم معاشري، ۾ عزت، وقار ۽ اعتماد حاصل رهيو .

محمد موسيٰ ڀٽو

مستقل سلسلو

عبدالغني دايو

## نفس جي سڌاري جو طريقو
## ۽ زندگيءَ جو دستور العمل

### حڪومتي سطح تي اسلام جي غلبي جو اسلام جي گهٽين ئي حڪمتن ۽ مصلحتن سان واڳيل هجڻ:

اسلام مڪمل دين آهي، هن دين جي مڪمل نفاذ جي صورت ته انهيءَ وقت ئي ممڪن آهي جڏهن رياست جي سطح تي اسلام نافذ ٿئي. تعليمي سرشتو اسلامي هجي. عدالتن ۾ اسلامي قانون پٽاندڙ فيصلا ٿين اسيمبليون اسلام جي بٽياد تي قانون سازي ڪن. حڪمران ۽ آفيسر اسلامي قانون تي عمل ڪندا هجن. سياست، معيشت ۽ معاشرت جو سڄو سرشتو اسلامي بٽيادن تي جڙيل هجي. جيئن ته حڪومت سان اسلام جي گڏيل زندگيءَ جا گهڻائي معاملا ڳنڊيل آهن ۽ دين جون ڪوڙ ساريون مصلحتون حڪومت سان واڳيل آهن، تنهنڪري اسلامي قانون نافذ ڪرڻ يا اسلامي حڪومت قائم دين جي مقصدن ۾ نه هجي تڏهن به دين جي فرضن ۾ ضرور شامل آهي. باطل جي اندرين ۽ ٻاهرين طاقتن سان مقابلي جي سلسلي ۾ پڻ حڪومت ئي اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي، جيڪڏهن حڪومتي ادارا صحيح ڪردار ادا ڪن ته سماج گهٽين ئي براين کان بچي سگهي ٿو .

قرآن مجيد ۾ آهي ته ”هو الذي ارسل رسولهٖ بالهديٰ ودين الحق ليظهره علي الدين ڪلهٖ.“ (اهو ئي ته آهي جنهن پنهنجي رسول کي هدايت ڏيئي دين حق سان موڪليو ته جيئن هن دين کي سڀني دينن تي غالب ڪري).

”لقد ارسلنا رسلنا بالبينات وانزلنا معهم الڪتاب والميزان ليقوم الناس باالقسط وانزلنا الحديد فيهٖ باس شديد ومنافع الناس. (سورة الحديد آيت25)

(اسان پنهنجي پيغمبرن کي پنهنجون ڪليل نشانيون ڏئي موڪليو مٿن ڪتاب نازل ڪيا ۽ تارازي (معنيٰ عدل جو قائدو ) ته جيئن ته انصاف تي رهن ۽ لوهه پيدا ڪيو ، جنهن ۾ جنگي هٿيارن جي لحاظ سان خطرو به سخت آهي ۽ ماڻهن لاءِ فائدا پڻ آهن).

واعدولهم مااستعطم من قوة ومن رباط الخيل ترهبون بهٖ عدوالله وعدوڪم وآخرين من دونهم. (سورة انفال)

(۽ ڪافرن سان مقابلي لاءِ وس آهر پنهنجي سگهه ۽ گهوڙا تيار رکو جنهن سان توهان پنهنجي ۽ الله جي دشمنن ۽ انهن کان سواءِ ٻين کي مرعوب رکو ).

### طاقت کانسواءِ فتنن جي چيلهه ڇڀي ڪري نه ٿي سگهجي

جيئن ته سگهه کان سواءِ فتنن ۽ باطل جو ڪوٽ ڪيرائي نه ٿو سگهجي ۽ گڏيل زندگي ڪي فسادي طاقتن جي فتنن کان بچائي نه ٿا سگهون تنهنڪري حڪومت کي اسلامي بڻائڻ جي ڪوشش اسلام جي منشا ۽ اسلام جو حصو آهي. خاص طور مسلمانن جي گهڻائيءَ واري ملڪ ۾ مسلمانن تي واجب آهي ته هو پنهنجو سڄو سارو سرشتو اسلامي بڻيادن تي جوڙين. تنهن ڪري اسلامي حڪومت لاءِ جدوجهد کي متنازعه بڻائڻ غلط آهي. حضرت مجدد الف ثاني رحه حڪومتي طاقت کي اسلامي مقصدن لاءِ ڪم آڻڻ جي سلسلي ۾ پنهنجي ڪجهه اثر وارن مريدن کي جيڪي حڪومت ۾ اهم حيثيت وارا هئا تن کي جيڪي خط لکيا آهن سي ڌيان وارا آهن،خطن جا ڪجهه حصا هيٺ ڏجن ٿا.

## حڪومت جي اهميت جي سلسلي ۾ حضرت مجدد الف ثاني رحه جو بحث:

”الله تعاليٰ توهان کي پنهنجي وڏڙن جي واٽ تي ثابت قدم رکي، دنيا ۾ بادشاهه جو مثال ائين آهي جيئن جسم ۾ دل جيڪڏهن دل صحيح آهي ته سڄو بدن صحيح آهي، پر جيڪڏهن دل خراب آهي ته سڄو جسم خراب ٿي ويندو آهي. بادشاهه جو صحيح هجڻ معنيٰ سڄي ملڪ جو صحيح هجڻ آهي. بادشاهه جي بگاڙ سان سڄو ملڪ بگڙجي ويندو ، اوهان کي ڄاڻ آهي ته گذريل دور ۾ (اڪبر بادشاهه جي دور ۾) اهل اسلام / مسلمانن جي ڪهڙي حالت هئي. اهل اسلام جي خرابي اسلام جي شروع ۾ انتهائي هيٺي حال باوجود انهيءَ کان اڳتي نه وڌي جو مسلمان پنهنجي دين تي رهن ۽ غيرمسلم پنهنجي دين تي”لکم دينکم ولي دين“ مان اها ڳالهه ظاهر آهي پر گذريل دور (اڪبر بادشاهه جي دور) ۾ اسلام جا مخالف ظاهر ظهور بطور غلبه دارالسلام ۾ ڪافر کي حڪم جاري ڪندا هيا، ۽ مسلمان اسلامي حڪمن جي اظهار کان به عاجز ٿي ويا هيا. جيڪو به اهڙو اظهار ڪندو هيو سو قتل ٿي ويندو هيو . واويلا وامصيبتا،، واحسرتا، واحزنا، حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليهٖ وسلم محبوب ربه العالمين آهن، تن جي تصديق ڪرڻ وارا ذليل ۽ خوار هيا ۽ سندن منڪر عزت ۽ اعتبار جي مرتبي وارا هيا، مسلمان پنهنجي زخمي دلين سان رهڻ لڳا ۽ مخالف مذاق ۽ ٺٺول بازيءَ سان مسلمانن جي زخمن تي لوڻ ٻرڪندا هيا. هدايت جو آفتاب ضلالت جي پردي پٺيان لڪي ويو هيو ۽ حق جو نور باطل جي حباب ۾ يڪسو ٿي ويو هيو . هاڻي جڏهن اسلامي حڪومت جي واٽ آيل رنڊڪون پري ٿيڻ جي خوشخبري ۽ بادشاهه جي جلوس جي خبر ماڻهن تائين پهتي آهي ته مسلمان لازم سمجهن ٿا ته بادشاهه سان تعاون ڪيو وڃي ۽ شريعت جي پذيرائي ۽ ملت جي پلائي واٽ بادشاهه کي ڏيکاريون، اها مدد ۽ اهو ساٿ ڪهڙيءَ ريت بي هجي زبان سان يا هٿ سان بهرحال هجڻ گهرجي.

سپ کان وڏي مدد شرعي مسئلن جي وضاحت ۽ عقائد ڪلاميه جو اظهار بطور ڪتاب ۽ سنت ۽ اجماع آهي ته جيئن ڪوئي بدعتي ۽ گمراهه وچ ۾ اچي دين جو رستو نه لُٽي سگهي ۽ ڪم نه بگڙي، اها مدد حق جي عالمن لاءِ خاص آهي جيڪي آخرت گهرندڙ آهن. دنيا دار عالم جن جي ڪري گذريل دور ۾ مسلمانن تي مصيبت ڪڙڪي هئي. اها مصيبت انهن علماء سوء جي نحوست ئي هئي بادشاهن کي اهي ئي عالم سڌي واٽ تان ٿيڙيندا آهن. ٻاهتر فرقا جن گمراهيءَ جي راهه ورتي تن جا اڳواڻ اهي علماءَ سوء هوندا آهن انهن

دنيا طلبيندڙ عالمن کان سواءِ ٻيو جيڪو به گمراهيءَ جي واٽ وٺندو ته ان جو اثر ٻين تي نهايت ٿورڙو ئي پوندو آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو وس ۾ سگهه هوندي به دين جي مدد ڪرڻ ۾ ڪيٻائيندو ۽ انهيءَ ڪوتاهيءَ جي ڪري اسلام جي ڪارخاني ۾ ڪو خلل پيو ته اهو غفلت ڪرڻ وارو ماڻهو الله جي عتاب ۾ هوندو ، انهيءَ ڪري هي ڪمزور بندو (پنهنجي لاءِ لکن ٿا) به گهري ٿو ته پنهنجو پاڻ کي اسلامي حڪومت جي سهڪاري جماعت ۾ رکي ۽ انهيءَ لاءِ ڪجهه هٿ پير هلائي ”من ڪثر سواد قوم فهو منهم“ (جيڪو جنهن جماعت جي انگ ۾ واڌارو ڪندو سو تنهن جماعت مان ئي هوندو) انهيءَ حديث پٽاندڙ ممڪن آهي ته الله تعاليٰ هن جي استطاعت کي اسلام جي مددگارن ۾ داخل ڪري، پنهنجو مثال انهيءَ پوڙهيءَ وانگر سمجهان ٿو جيڪا سُٽ جو ڍير وڪٽي حضرت سيدنا يوسف عليه السلام جي خريدارن ۾ شامل ٿي هئي.(خط47 دفترپهريون، شيخ فريد بخاريءَ جي نالي)

قيامت ۾ شريعت بابت سوال ڪيو ويندو ، تصوف بابت نه بهشت ۾ داخل ٿيڻ ۽ جهنم جي باهه کان بچڻ شريعت جي پابندي ڪرڻ سان ئي ڳنڍيل آهي. نبيين سڳورن عليهم السلام جيڪي بهترين تخليق ڪائنات آهن تن شريعت جي دعوت ڏني آهي ۽ چوٽڪاري جو مدار انهيءَ تي آهي. نبيين سڳورن عليهم السلام جن جي بعثت جو مقصد ئي شريعت جي تبليغ ئي آهي. بس سڀ کان وڏي نيڪي شريعت جي تبليغ لاءِ ڪوشش ڪرڻ، شريعت جي حڪمن مان ڪو به حڪم زنده ڪرڻ، خاص طور اهڙي زماني ۾ جنهن ۾ اسلامي شعائر مٽجندا وڃن، الله جي واٽ ۾ ڪروڙين روپيه خرچ ڪرڻ به شرعي مسئلن مان ڪنهن هڪ مسئلي کي رواج ڏيڻ برابر نه آهي، انهيءَ ڪري جو شرعي مسئلن کي رواج ڏيڻ ۾ نبيين سڳورن عليهم السلام جن جي پيروي ۽ انهن جي تبليغي ڪم ۾ شامل ٿيڻ آهي. ظاهر آهي اهي سڄي مخلوق ۾ سڀ کان ڀلا انسان آهن. ڪامل ترين حسنات انهن لاءِ ئي ثابت ۽ مسلم آهن ڪروڙين روپيه خرچ ڪرڻ ته انبياء ڪرام عليهم السلام جن کان علاوه ٻيا به خرچ ڪري سگهن ٿا، تنهن کان علاوه شريعت جي ادائيگي ۾ نفس جي پوري پوري مخالفت ٿئي ٿي، انهيءَ ڪري جو شريعت نفس جي خلاف واقع ٿي آهي. پر مال خرچ ڪرڻ ۾ ڪڏهن ڪڏهن نفس موافقت پڻ ڪري وٺندو آهي. ها تائيد شريعت ۽ ترويج ملت لاءِ مال خرچ ڪرڻ وڏو بلند مرتبو آهي، شريعت جي اشاعت ۽ واڌاري لاءِ هڪ پيسو به خرچ ڪرڻ بنا نيت جي لکين روپيه خرچ ڪرڻ برابر اجر آهي، اهو شخص جنهن سان گهٽڻ ئي ماڻهن جو چوٽڪارو واڳيل هجي ظاهر آهي ته اهو انهيءَ ماڻهو عملن پلو آهي جنهن کي رڳو پنهنجو فڪر هجي، پر اهو صوفي جيڪو ”فنا ۽ بقا“ کان پوءِ سير عن الله ۽ سير باالله جا درجا طئه ڪرڻ کان پوءِ عالم ۾ گشت لڳائي ۽ ماڻهن کي دعوت ڏيڻ ڏانهن ڌيان ڏئي مقام نبوت مان حصو رکندو هجي، سو شريعت جي تبليغ ڪرڻ وارن ۾ شامل آهي ۽ اهو علماءِ شريعت جو حڪم رکي ٿو ، (خط48 دفتر پهريون تصحيح فريد بخاري جي نالي)

حضرت خواجه احرار رحه فرمائيندو هيو ته ” جيڪڏهن مان مشخيت/ تي اچان ته دنيا ۾ منهنجي مقابلي ۾ ٻيو ڪو به مريد نه ڪري سگهي، پر مون کي ڪنهن ٻئي ڪم لاءِ حڪم ڪيو ويو آهي، اهو ڪم آهي شريعت اشاعت ۽ ترويج ۽ ملت جي تائيد.“ تنهن ڪري خواجه اصرار رحه بادشاهن وٽ ويندو هيو ۽ ڪين پنهنجي

تصرف سان مطيع بڻائي ڪائنن شريعت جي اشاعت جو ڪم وٺندو هيو ، گذارش هيءَ آهي ته جڏهن الله تعاليٰ نقشبندي بزرگن جي محبت جي برڪت سان توهان جي ڳالهائڻ ۾ هڪ تاثير رکيو آهي ۽ توهان جي مسلماني عظمت دنيا ۾ ظاهر ٿي وئي آهي ته ڪوشش ڪيو ته گهٽ ۾ گهٽ ڪافرن جا اهي شعائر جيڪي مسلمانن ۾ رائج ٿي ويا آهن سي ختم ٿي وڃن ۽ مسلمان اهڙن ڪمن کان بچي الله پاڪ توهان کي اسان ۽ سڀني مسلمانن پاران ڀلو صلو عطا فرمائي گذريل دور (اڪبري عهد) ۾ ته دين مصطفوي سان هڪ دشمني محسوس ٿيندي هئي. هن دور (جهانگيري) ۾ ظاهر ۾ ته اها دشمني نظر نه ٿي اچي، پر جي آهي ته علم نه هئڻ ڪري آهي پر ڊپ ٿئي ٿو ته ايئن نه ٿئي ته هن سلطنت ۾ اڳئين دور وانگر دين دشمني پيدا ٿي پوي ۽ مسلمانن جو معاملو تنگ ٿي وڃي. (خط 65 – دفتر پهريون – خان اعظم جي نانءُ)

## اسلام جي واڌاري واري ڪم جي اهميت شاهه ولي الله جي نظر ۾:

حضرت امام شاهه ولي الله جن پنهنجي ڪتاب حجته الله البالغه ۾ اسلامي نقطئه نگاهه سان حڪومت جي گهرج ۽ افاديت تي نهايت قيمتي بحث فرمايو آهي. شاهه صاحب پنهنجي هڪ ٻئي ڪتاب فيوض الحرمين ۾ هڪ مشاهدي ۾ لکن ٿا ته مان ذاتي طور حضرت علي رضه کي شيخين معنيٰ حضرت ابو بڪر رضه ۽ حضرت عمر رضه کان افضل سمجهندو هيس، پر حضور نبي ڪريم صلي الله عليھ وسلم جن جي زيارت ٿي ته پاڻ منهنجي نقطه نگاهه جي اصلاح فرمايائون پاڻ فرمايائون ته منهنجو مشن/ مقصد اسلام جو غلبو ، اسلام جو واڌارو ، اسلام جي اشاعت هيو ، انهيءَ مشن/ مقصد کي فروغ ڏيڻ ۾ شيخيت معنيٰ ابو بڪر رضه ۽ عمر رضه جو ڪردار وڌيڪ اهميت وارو آهي، تنهن ڪري هو ٻئي حضرت علي رضه کان افضل آهن، ذاتي زهد جي معاملي ۾ حضرت علي رضه افضل آهي .

## ڪائنات جي تخليق وقت الله تعاليٰ جي مشيت:

انهيءَ سلسلي ۾ هڪ شيءِ جيڪا ڌيان جوڳي آهي سا اها ته ڪائنات جي تخليق وقت ئي الله تعاليٰ جي آڏو جيڪو نقشو هيو ، حضور نبي ڪريم صلي الله عليھ وسلم جن جي بعثت انهيءَ نقشي جي عين مطابق هئي. اهو نقشو هي هيو ته انسانيت جي آڏو دين حق جي اتمام حجت خاطر آخر ۾ ڪامل رسول صه موڪلي ۽ ڪيس جان قربان ڪرڻ وارا ساٿي ڏئي انهن جي مدد سان اسلام جي مثالي رياست قائم ٿيندي ته جيئن اها رياست قيامت تائين انسانن لاءِ نمونو / ماڊل بڻجي سگهي.

## حضور رسول الله صلي الله عليھ وسلم جن جو خصوصي مشن:

انهيءَ سلسلي ۾ ٻيو ڌيان جوڳو نڪتو هي آهي ته حضور پاڪ صلي الله عليھ وسلم جن مثالي اسلامي رياست جي جوڙجڪ ۽ اسلامي قانون نافذ ڪرڻ لاءِ جيڪو طريقو اختيار فرمايائون سو تزڪيه ، تربيت ۽ ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ذريعي اهڙا جانثار ماڻهو تيار ڪرڻ هيو جن مان هر فرد ايمان، يقين، الله تي ڀروسو ڪرڻ، سيرت ۽ ڪردار جي مٿانهپ، الله سان ناتو ۽ محبت ۽ بي نفسي جي معاملي ۾ امت جي وڏين کان وڏين شخصيتن کان به سرس فائق ۽ بلند هيا، اهي ٻئي

نکتا آڏو رکي ڏيان ڏريو ته سُڌ پوندي ته اسلامي حکومت قائم ڪرڻ لاءِ جيڪو مشن نبي پاڪ صلي الله عليھ وسلم جن جو هيو سو پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جو خاص مشن / مقصد هيو ، امت جي فردن کي انهيءَ مشن تي انهيءَ حيثيت سان متعين ناهي ڪيو ويو ، جنهن حيثيت سان رسول الله صلي الله عليھ وسلم جن متعين هيا، انهيءَ سلسلي ۾ پاڻ ڪريم صلي الله عليھ وسلم جن کي الله پاڪ پاران خاص صلاحيتون عطا فرمايون ويون هيون. ڪين اهڙا مثالي فرد ڏنا ويا هيا جن جو ذڪر توريت ۽ انجيل ۾ پڻ ڪيو ويو هيو . امت آڏو اسلام جو اهو مثالي مشن انهيءَ حيثيت سان نه آهي، پر امت پنهنجي صلاحيت آهر ئي انهيءَ جي ذميدار ۽ جواب ده آهي. جيئن ته هن امت ۾ انهن صلاحيتن جو معمولي حصو به موجود نه آهي جيڪي پهرين اسلامي جماعت ۾ موجود هيون، تنهنڪري امت جي ذميواري اها آهي ته سپ ڪان پهرين تزڪيه ، تربيت، ۽ ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم جو اهڙو سرشتو قائم ڪري، جنهن سان ماڻهن جون ايماني، اخلاقي ۽ روحاني صلاحيتون نکري نروار ٿين ۽ اهڙا ماڻهو تيار ٿي آڏو اچن جيڪي زندگيءَ جي هڙني شعبن ۾ اسلامي نقطئه نگاهه سان پنهنجا فرض سرانجام ڏيڻ ۾ ڦڙت هجن ۽ سدائين تيار رهن ۽ اسلامي حميت ۽ غيرت سان ٽمٽار هجن .

جيستائين امت پاران اهڙي سرشتو جڙي پڪو پختو نه ٿيندو تيستائين امت اسلامي رياست واري مشن جي تڪميل لاءِ ذميوار نه آهي، اها ذميواري امت تي انهيءَ وقت اچي ٿي جڏهن امت انهيءَ صلاحيت سان پرپور هجي ۽ اجتماعي نظام سنڀالڻ لاءِ تزڪيه ، حڪمت ۽ ڏاهپ وارين صلاحيتن وارا فرد سماج ۾ ذڪر جوڳي حد تائين موجود هجن .

## مسلم دنيا ٻارنهن سو ورهين تائين اندرين ٻاهرين خطرن سان وڙهندي رهي

مسلم دنيا ٻارنهن سو ورهين تائين اندروني ۽ خارجي طور گهڻن ئي خطرن سان منهن مقابل ٿي، خانه جنگن جو شڪار ٿي، تاتارين جو حملو ٿيو جنهن ۾ وحشت ۽ حيوانيت جي آخري حدن تائين مظاهرو ٿيو ، پر اسلامي دنيا انهن هڙني حربن باوجود پنهنجي اسلامي سڃاڻ قائم ۽ برقرار رکڻ ۽ هر حادثي ڪانپوءِ نئين سگهه ۽ يقين سان ٻيهر اپرڻ ۾ سوڀاري ٿيندي رهي، ۽ حملو ڪندڙ قومون پاڻ اسلام جي ڇانو ۾ هليون آيون، پر تاريخ ۾ پهريون ڀيرو انگريزن جي حملي سان ڳڻ ئي اسان جو جيڪو زوال وڌيو آهي سو لڳاتار وڌندو پيو وڃي ۽ اسلامي سڃاڻپ جي سگهاري لهر اچڻ بجاءِ اسان جي سماج جو اخلاقي زوال گهڻ پاسائون ۽ گهرو ٿيندو پيو وڃي. انهيءَ صورتحال جو تجزيو ڪرڻ سان سُڌ پوي ٿي ته ٻارنهن سو ورهين تائين مسلم سماج ۾ اخلاقي ۽ روحاني طور ايتري سگهه موجود هئي جو هو هر حملو ۽ اندريو بحران سهي نئين سر ايمان ۽ يقين جي بٽيادن تي مضبوط ٿيڻ جي صلاحيت وارو هوندو هيو .

## هزار ورهين تائين اسان جي تهذيبي ادارن جو اثرائتو ڪردار:

حڪومتي سطح تي بگاڙ پلي ڪيترو به گهرو رهيو هجي بادشاهن ۾ ڪجهه بادشاهن ته عياشيءَ جا رڪارڊ پڃي ڇڏيا، ۽ مٿين سطح تي عيش عشرت جا مثال ناهي ڇڏيا هيا، ڪن حڪمرانن وري قتل ۽ غارت گريءَ ۾ خوب

نالو ڪڍيو ، پر انهيءَ سڀ ڪجهه جي باوجود سماجي سطح تي اسان جا اخلاقي ۽ روحاني ادارا مضبوط هيا، هر پاڙي، هر شهر ۽ هر ڳوٺ ۾ اهڙيون شخصيتون هر دور ۾ موجود رهيون جن جي صحبت سان ايمان ۽ يقين جا ڏيئا ٻرندا هيا ۽ سماج جي فردن جي اسلاميت ۽ مسلم ملت سان وفاداري پختي هوندي هئي.

هزار، ٻارنهن سو ورهين تائين مسلم سماج وڏن وڏن بحرانن، اندرين ۽ ٻاهرين ڏوجهرن سان منهن ڏيڻ جي صلاحيت وارو هيو . هاڻي ڀهريون ڀيرو ائين ٿيو آهي جو هر گهاٽ تي هار ٿي رهي آهي. ذهني ۽ نظرياتي طور ماده پرست نظرين کان مرعوب ٿيڻ کان وٺي سماجي ۽ گڏيل زندگيءَ ۾ جديد تهذيب سان پاڪر پائڻ جي گهري لهر آهي جا سڄي اسلامي دنيا ۾ گذريل ڏيڍ سو ورهين کان اپريل آهي، هاڻي ته اها لهر ٻوڏ جي شڪل وٺندي ٿي وڃي، انهيءَ جو سڀ کان وڏو ڪارڻ اهو ئي آهي جيڪو بيان ڪيو ويو آهي ته اسان جا اهي تهذيبي ادارا جيڪي ماڻهن کي نفس پرستي ۽ ماده پرستيءَ جي لهر کان بچائڻ جو ذريعو هيا سي هيٺا ٿيندا ويا. ڀهرين ته جديديت جي تحريڪ ۽ عقليت جي وڌندڙ طوفان انهن ادارن تي ماڻهن جي اعتماد کي لوڏي ڇڏيو ، ۽ انهن ادارن ۽ شخصيتن کي اسلام جي مقابل ڇاڻائي انهن جي خلاف ذهن ٺاهيو ويو ، ٻيو اهو ته جديد اسلامي مفڪرن سماج کي سڌارڻ ۽ ماڻهن جي اخلاقي ۽ روحاني سکيا تي زور ڏيڻ بدران پنهنجو سڄو رياست جي اسلامائيزيشن ۽ اسلامي قانون لاڳو ڪرائڻ جي تحريڪ تي هلايو ، جنهن سان مسلم سماج کي جديد تهذيب جي گهڻ پاسائين ٻوڏ کان بچائڻ لاءِ داخلي طور سگهارو ڪرڻ ۽ نفس پرست طاقتن سان مهاڏي ۾ بچاءُ واري سگهه جي ڀهچ ۽ تياريءَ وارو ڪم متاثر ٿيو .

اهل مذهب ۽ مذهبي شخصيتون جيڪڏهن سماج کي آڏو آيل گهڻ پاسائن نظرياتي ۽ تهذيبي خطرن سان منهن ڏيڻ ۾ پنهنجون توانائيون خرچ ڪن ها ۽ حڪمرانن سان مهاڏو اٽڪائڻ ۽ سياست سندن مخالف جي حيثيت سان سامهون اچڻ بجاءِ سماج کي اسلامي نظئه نگاهه سان سگهارو ڪرڻ ۽ ماڻهن جي اخلاقي ۽ روحاني سطح مٿانهين ڪرڻ لاءِ ، ادارن کي مضبوط ڪرڻ ۾ پنهنجون صلاحيتون ڪم آڻين ها ته سماجي سطح تي اخلاق نصب العين جي ۽ ماديت کان دوريءَ جي تحريڪ سگهاري ٿئي ها ۽ قومي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ذڪر جوڳي حد تائين اهڙا فرد موجود هجن ها جيڪي جديد تهذيب ۽ ماديت جي گهري لهر جو جرئت، همٿ بهادري ۽ ايمان ۽ يقين جي سچي سگهه سان مقابلو ڪن ها، جهڙيءَ ريت گذريل ٻارنهن سو ورهين ۾ ٿيندو آيو آهي.

## مشين جي ايجاد سان مغرب جي سماجي زندگيءَ جي تباهي:

سرمائيداراڻي سرشتي جو سڄو بڻ بنياد خود غرضيءَ/ذاتي مفادن تي ٻڌل آهي. مغرب ۾ اڍائي ٽي سور ورهيه اڳ مشن جي ايجاد سان گهريلو صنعت ۽ ننڍي صنعت تباهه ٿي وئي ته مردن ۽ عورتن کي روزگار خاطر وڏي پيماني تي شهرن ڏانهن منهن ڪرڻو پيو ۽ معيشت ۾ مزدور جي حيثيت سان ڪم ڪري جسم ۽ روح جا ناتو برقرار رکڻو پيو ، انهيءَ سان مغرب جي روايتي سماجي، تهذيبي ۽ مذهبي زندگي تباهه ٿي وئي، جيئن ته مشين جي ايجاد سان سرمائيدار وٽ وڏي سگهه اچي وئي، رياستي سرشتي ۽ قانون جي جوڙجڪ جي سڄي ساري سگهه انهن جي هٿ اچي وئي تنهن

كري  انهن اهڙي  تهذيب جي جوڙجڪ ڪئي جنهنجو بڻياد  خود پرستي ۽ دولت جو ڪجهه هٿن ۾ سميٽجي اچڻ، عام ماڻهن جو سرمائيدار جي دوولت ۾ واڌاري لاءِ ڏينهن رات محنت ڪرڻ، زندگي جيڪو ڪجهه آهي سا رڳو هيءَ موجوده زندگي ئي آهي تنهن ڪري اها زندگي پلي ڪان پلي بڻايو ، مذهب جي هڙني پابندين ڪان ڇوٽڪارو ، طاقت آڏو سجدو ڪرڻ ، ڪائنات ۾ موجود قدرتي شيون فتح /هٿ ڪري اهي پنهنجي دولت ۾ سگهه واڌائڻ لاءِ ڪم آڻڻ، وڏيڪ اهو ته رياست جي ادارن ۽ تعليمي  سرشتي  ذريعي وڏي حد تائين نفس پرست ماڻهو تيار  ڪرڻ جو انتظام ڪرڻ.

## حرص ۽ هوس جا بت ۽ انهن ڪان بچاءُ جو فڪر:

جهڙيءَ ريت  جسماني مرض ٿيندا آهن اهڙيءَ ريت روحاني ۽ باطني  بيماريون پڻ هونديون آهن،  جن ۾ حرص، هوس، بخل،  وڏماڻهپ ۽ دعويٰ  ڪرڻ جو عارضو ، شهرت ۽ نانءَ ڪمائڻ جو مرض،  ٻين جي واکاڻ نه ٻڌي سگهڻ،  پنهنجي ساراهه ڪي پسند ڪرڻ، خود غرضي، ماد پرستي، ۽ مادي سونهن تي فدا ٿيڻ جهڙيون بيماريون هي اهڙا مرض آهن جيڪي دينداريءَ  جي باوجود پيدا ٿين ٿا، وڌن ٿا ۽ سگهارا پڻ ٿي وڃن ٿا. جيڪڏهن شروع ۾  ئي انهن بيمارين جي علاج ڏانهن ڌيان نه ڏنو ويو  ته اهي بيماريون ايترو پختيون ٿي وڃن ٿيون جو دل ۽ ذهن کي اغوا ڪري مٿن قبضو ڪري ٿيون ويهن ۽ پوءِ ته انهن بيمارين جي هجڻ جو  احساس ئي ڄَٽ ٿي وڃي ٿو . سماج جي ماڻهن جو جائزو وٺڻ سان سُڌ پوي ٿي ته  ماڻهوءَ وٽ نماز ۽ روزو به موجود آهي ته  انهيءَ سان گڏوگڏ حرص ۽ هوس ۽ معتبريءَ جو مرض پڻ موجود آهي ۽ دعويٰ  ۽ وڏ ماڻهپ جي بيماري به وٽس موجود آهي. سماج ۾ اهڙا گهٽائي ديندار  ملندا جن کي الله تعاليٰ چڱي  خاصي دولت ڏني آهي ۽ سندن آڏو هزارين ماڻهون آهن جن کي ٻن ويلن جي ماني حاصل نه آهي پر حرص، هوس  ۽ بخل/ ڪنجوسيءَ جي ڪري هو اهڙن مسڪينن جي  پر گهور لهڻ لاءِ تيار نه آهن. اهڙين بيمارين جي علاج لاءِ شروع ۾ ئي هوشياريءَ کان ڪم وٺجي نه ته اهي مرض مزاج جو حصو ٿي وڃن ٿا ۽ پوءِ انهن کان ڇوٽڪارو ڏاڍو اوکو ڪم آهي.

علي اڪبر راهمون

## حج بيت الله

# اسلامي پائيپي جو پيغام

هرهڪ مسلمان هيءَ حقيقت چڱيءَ ريت ڄاڻي ٿو ته هو سڀ کان پهرين مسلمان آهي، چاهي ڪٿي جو به هجي، ڪهڙي به رنگ نسل سان تعلق رکندڙ هجي، ڪنهن به علائقي يا ملڪ جو رهاڪو هجي. هر ڪلمو پڙهندڙ مسلمان ڪي هيءَ به چڱي طرح معلوم هئڻ کپي ته نماز، روزو، زڪوات ۽ سرندي پڄندي واري هر مسلمان تي حج بيت الله به فرض آهي .

حج بيت الله حجاز جي مشهور معروف شهر مڪي پاڪ جي ڪجهه مقامن جي زيارت ڪرڻ ۽ اتي الله تعاليٰ جي عظمت شان ۽ ڪبريائي محسوس ڪرڻ جون نالو آهي، يا حج ڪجهه مقدس مقامن تي الله تعاليٰ جي ٻانهن طرفان ڪامل ٻانهپ ۽ بندگي جي اظهار جو نالو آهي. جتي دنيا جي ڪنڊڪڙڇ مان آيل هر رنگ نسل جا ماڻهو احرام جي هڪجهڙي لباس ۾ هوندا آهن، ۽ هر هڪ جي چپن تي لبيڪ اللهم لبيڪ جي لولي هوندي آهي. ڄڻ ته سڀ هڪ آواز ٿي ڪري لبيڪ اللهم لبيڪ جو ترانو تنواريندا آهن. گناهن جي بوج هيٺان دٻيل انسان جهڙي طرح اتي گريو زاري ۽ خشوع خضوع ڪندي نظر ايندا آهن، اهڙا ڪٿي ٻئي هنڌ نظر نه ايندا آهن، هر مسلمان هنن مقدس مقامن جي زيارت هن جذبي جوش ۽ عزم سان ڪرڻ ايندا آهن، ته هو رب العالمين جي حضور ۾ حاضر ٿي ڪري حضوري جي احساس سان پنهنجا گناهه بخشائين ۽ رب پاڪ سان پنهنجو رشتو نئين سر جوڙين، ۽ پنهنجي پنهنجي وطن موٽي وڃي نئين سر پاڪ صاف زندگي گزارين، ڀلا انهن حاجين کان وڌيڪ معزز ۽ محترم ٻيو ڪير ٿي سگهي ٿو ؟

حج بيت الله جي اهميت ۽ فضيلت جو اندازو هن حديث بلڪ مان چڱيءَ طرح لڳائي سگهجي ٿو ، ته حضرت امام ترمذي رحمته الله عليه پنهنجي ڪتاب ”جامع ترمذي“ ۾ حضرت علي ڪرم الله وجهه کان هيءَ روايت نقل ڪئي آهي ته ”رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جو ارشاد مبارڪ آهي ته جنهن شخص وٽ سفر جو خرچ ۽ سواري جي انتظام جي طاقت آهي جنهن جي ذريعي هو بيت الله شريف پهچي سگهي ٿو ، پوءِ به حج نه ڪري ته هن ۾ ڪو به فرق ناهي ته هو يهودي ٿي مري يا نصراني ٿي ڪري مري وڃي، اهڙيطرح ٻين حديثن ۽ آثارن ۾ به اهڙا مضمون ذڪر ٿيل آهن، جن ۾ طاقت باوجود حج نه ڪرڻ تي سخت وعيدون آيل آهن، جيتوڻيڪ چار فقهي امامن ۽ جمهور عالمن وٽ حج نه ڪرڻ سان ماڻهو ڪافر ڪو نه ٿو ٿئي، پر وعيد ان لاءِ بهرحال سخت آهي.

حج بيت الله اسلام جي پنجن رڪنن مان هڪ اهم رڪن آهي، جيڪو هڪ ئي وقت ۾ بدني ۽ مالي عبادت پڻ آهي. ڇاڪاڻ ته ٻانهو حج ۾ الله تعاليٰ جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ جسماني مشقت سان گڏ مال خرچ ڪرڻ ۾ روحاني راحت پڻ حاصل ڪندو آهي، الله تعاليٰ طاقت رکڻ واري هر هڪ صاحب حيثيت مسلمان تي حج بيت الله فرض ڪيو آهي، حج هڪ اهڙي عبادت آهي جو هر مقام مقدس جي زيارت ۽ رڪن جي ادائيگي ۾ انيڪ حڪمتون، راز ۽ سبق سمايل آهن ۽ نصيحتون آهن، هن کان علاوه اخلاقي تربيت ۽ نفس جي تزڪيي جا ڪيترائي پهلو هن ۾ لڪيل آهن، سچ پچ ته حج روحاني قوت ۽ وجدان جي بيداري جو ذريعو آهي، سير سفر دنيا جا ٻيا به آهن، پر حج جو سفر هڪ مختلف انوکو تجربو آهي، هن ناچيز راقم الحروف ڪي سن 2023ع حج

بيت الله جي سعادت نصيب ٿي، هن دوران قلب تي جيڪي احساس ۽ ڪيفيتون گذريون انوڪا تجربا ٿيا، اهي عاجز جي قلم جي همت آهر هن مضمون ۾ بيان ٿيندا. انشاء الله تعاليٰ .

عازم حج جيئن ئي احرام جي چادر اوڍي ٻه رڪعتون نفل پڙهي حج جي سفر جي نيت ڪندو آهي، ته سندس دل، دولت، جسم، وجدان ۽ شعور سڀ جا سڀ ”بلد الامين“ ۾ واقع بيت الله ڏانهن متوجهه ٿي پوندا آهن، عازم حج جيئن ئي حج جو سفر شروع ڪندو آهي ته ان جو مقصود ۽ مطلوب رب العزت جي حضور ۾ حاضر ٿي ڪري قلبي حضوري جي احساس سان سرشار ٿي گناهه بخشائڻ ۽ توبه تائب ٿيڻ هوندو آهي، احرام ٻڌڻ حج جي ٽن رڪنن مان پهريون ۽ اهم رڪن آهي، ڇاڪاڻ ته هن ڪان سواءِ حج جي ڪنهن به رڪن جي ادائيگي قابل قبول ناهي، هيءَ سفر ڪيترو شاندار ۽ ڪيترو عظيم آهي، حج جو انتظار ڪرڻ وارو ڪيترو پاڪ ۽ پرڪشش روح هوندو آهي، اهو سوال هر هڪ مسلمان ڪي پنهنجي دل ڪان پڇڻ گهرجي، ته ڇا احرام پوش ڪان وڌيڪ به ڪو محترم ۽ معزز انسان آهي؟ حج جو لباس زيب تن ڪرڻ واري ڪان وڌيڪ به ڪو پاڪيزه ماڻهو آهي؟

هونئين ته حج جا ٽي قسم آهن، حج قرآن ، حج تمتع ۽ حج افراد، حج قران سڀ ڪان افضل حج آهي، هن ۾ عمري ۽ حج ٻنهي جي نيت گڏ ڪري احرام ٻڌبو آهي، عمري جا ارڪان ادا ڪرڻ ڪان پوءِ ”قارن“ حلق يا قصر نه ڪرائيندو آهي، بدستور احرام جي حالت ۾ رهندو آهي، تانجو قرباني ڪرڻ ڪانپوءِ حلق يا قصر ڪرائيندو ۽ احرام لاهي، پنهنجو اصل لباس پائيندو آهي، تمتع جي حج ۾ حاجي ميقات ڪان ٻاهر پهرين خالي عمره جي نيت سان احرام ٻڌندا آهن، عمرن ڪان فارغ ٿي حلق يا قصر ڪرائيندا آهن ۽ احرام لاهي ڇڏيندا آهن جيڪو بعد ۾ حج جي ڏينهن ۾ 8 ذوالحج تي وري نئين سر احرام ٻڌي نفل پڙهي حج جي نيت ڪندا آهن، افراد جي حج ۾ عمره شامل نه هوندو آهي صرف حج جي نيت سان احرام ٻڌبو آهي، هن ناچيز بنده حج تمتع جي نيت سان احرام ٻڌو ، حج جا پانڌيئڙا حجھ جو احرام ٻڌي، نفل پڙهي نيت ڪندي ئي بلند آواز سان تلبيو پڙهڻ شروع ڪندا آهن، ”لبيڪ اللهم لبيڪ لاشريڪ لڪ لبيڪ ان الحمد والنعمت لڪ والملڪ لاشريڪ لڪ لبيڪ“ بلند آواز سان تنوارڻ شروع ڪندا آهن. حقيقت ۾ حاجي سڳورا تلبيو چوندي مشرڪن ڪان بيزاري جو اعلان ڪندا آهن، بي گناهن جو رت وهائڻ ڪان توبه تائب ٿيندا آهن، مستقبل ۾ ڪنهن به قسم جي گناهه ڪي نه ورجائڻ جو عزم ڪندا آهن، هڪ آواز ٿي ڪري سڀ حاجي اهڙيطرح تلبيو تنواريندا آهن، جو دل دماغ، ذهين شعور ۽ وجدان سڀ هڪ رخ ۾ هڪ نڪتي تي مرڪوز ٿي پوندا آهن حقيقت الاهي جي احساس سان سرشار ٿي ويندا آهن، جهڙيطرح ماضي ۾ نبي، پيغمبر، اولياء الله هن واٽ تي هلندي وحدانيت جو مشاهدو پاڻ پسندا ۽ پسائيندا رهيا آهن اهڙيطرح حاجي سڳورا به هن واٽ تي هلندي توحيد جا نعرا هڻندا ۽ شرڪ ڪان بيزاري جو اعلان ڪندا آهن. دراصل حاجي تلبيو پڙهندا آهن ته هن جو مطلب هيءَ هوندو آهي ته هو پنهنجي پالڻهار جي حڪم تي لبيڪ چئي رهيا آهن، تلبيي جي هڪڙي معنيٰ هيءَ به آهي ته حاجي پنهنجي رب سان هر طرح جي شرڪ ڪان انڪار جو اعلان ڪندو آهي، هڪڙي هن معنيٰ جو خيال به دل تي گذريو ته تلبيي چوڻ جو مطلب آهي ته ثناء ۽ حمد جو حقدار صرف رب العالمين جي ذات آهي، حقيقي محسن ۽

مربي صرف الله تعاليٰ آهي، ان جي هر حڪم تي عمل ڪرڻ جو عزم ۽ اعلان تلبيي چوڻ سان ڪيو ويندو آهي، اهڙي ڪيفيت ۽ حالت حج جي هر رڪن ادا ڪرڻ دوران رهندي آهي، هر مقدس مقام تي بي خودي جو عالم هوندو آهي، هن روحاني احساس ۽ ڪيف سان سرشار حج جي هريانڌيئڙي جي دل دماغ، زبان ۽ سڀ عضوا ۽ احساس تسبيح ۽ فرمانبرداري ۾ مصروف ٿي ويندا آهن، پوءِ پلا الله تعاليٰ جي سڏ تي لبيڪ چوڻ وارن جي هن پياري تراني کان وڌيڪ دل تي اثر ڪرڻ وارو ۽ دل کي جيارڻ وارو ڪو ٻيو ترانو ، گيت يا نغمو ڪنهن ماڻهو ٻڌو هوندو ؟

هيءَ ناچيز 22 جون 2023ع تي مڪي پاڪ پهتو ، سڀ کان پهرين حج تمتع جي عمره شريف جي ارڪانن جي ادائيگي سان سرفراز ٿيو . درحقيقت طواف بيت الله اها عبادت الاهي آهي، جيڪا ملائڪ نبي، پيغمبر ۽ اولياء الله هميشه کان وٺي ڪندا آيا آهن. هيءَ اهو مقام مقدس آهي جتي الله تعاليٰ جي حڪم سان حضرت ابراهيم ۽ حضرت اسماعيل عليهما السلام ڪعبته الله ٺاهي راس ڪيو هو ، پهريون طواف به پاڻ ڪيائون ۽ هن بيت جي طواف قيامت تائين جاري رهڻ لاءِ دعا گهريائون جيڪا قبول ٿي، انڪري قيامت تائين هن پاڪ گهر جو طواف برابر جاري رهڻو آهي، حضرت ابراهيم عليه السلام ابو قبيس جبل تي چڙهي پوري دنيا جي قيامت تائين ايندڙ انسانن کي هن پاڪ بيت حج ڪرڻ جي دعوت ڏني، جيڪو سڏ هڪ روايت موجب عالم ارواح ۾ سڀني روحن ٻڌو ، جنهن اتي لبيڪ چيو اهو دنيا جي حياتي ۾ به ضرور لبيڪ لبيڪ چوندي بلد الامين ۾ داخل ٿيندو ۽ هن بيت جو ضرور طواف ڪندو ، طواف جي قصد سان ايندڙ پانڌيئڙا جيئن ئي حرم پاڪ ۾ ادب احترام وچان نظرون جهڪائي گهڙندا آهن، جيئن ئي پهرين نظر بيت الله جي سياهه غلاف مبارڪ تي پوندي آهي، ته بيت الله جو جلال ۽ هيبت مٿن اهڙو طاري ٿيندو آهي جو نظرون از خود جهڪي اچي پيرن ۾ پونديون آهن، عجب ڪيفيت ۽ بي خودي جي حالت ۾ حاجي حجر اسود جي سامهون پهچندا آهن، جتي اڇڪلهه حاجين جي سهولت لاءِ ساڄي ڪلهي تي مسجد الحرام مٿان سائي روشني ڏيڻ واريون بتيون لڳل آهن، جتان تڪبيرون چوندي، هٿ ڪلهن تائين مٿي ڪٽندي حاجي طواف جي نيت ڪندو آهي ۽ طواف شروع ڪندو آهي، طواف جي ستن ئي چڪرن دوران دل جي ڪيفيت عجيب غريب هوندي آهي، قلب تي حضوري جو احساس غالب رهندو آهي، سڀ کان پهرين پنهنجي عاجزي ۽ اوقات جو احساس جاڳندو آهي زندگي ۾ ڪيل سڀ ڪرتوت ۽ گناهه سامهون اچي بيهندا آهن خداوند ڪريم جي قرب جو احساس دل کي بي خودي جي عالم ۾ وٺي ويندو آهي، جتي ننڊ ۽ جاڳ، خواب ۽ سجاڳي جو احساس معدوم ٿي ويندو آهي، پنهنجي آس پاس هجوم ۾ لکين طواف ڪندڙن ماڻهن جي احساس کان عاري ٿي ويندو آهي، جتي پنهنجي ذات تائين محدود ۽ پنهنجو پاڻ کي تنها تنها محسوس ڪندو آهي، ڪيڏي مهل ايئن لڳندو آهي ڄڻ ته آس پاس ۾ مادي جسمن جا پتلا ڦري رهيا آهن، ڪنهن مهل پائيندو آهي ڄڻ ته سراپا روحن جي دنيا يا ملائڪن جي جهان ۾ ضم ۽ گم ٿي ويو آهي، رلي ملي، ويو آهي، جڏهن چشم بصيرت ڪلندي آهي ته دل بيت الله جي نور سان منور ٿي پوندي آهي، ان وقت دل حقيقت ۽ معرفت الاهي جي طلب ۽ اشتياق ۾ سرشار ٿي پوندي آهي، ان وقت دل ذات پاڪ جي عظيم راز کي بنا پردي پسڻ جي منتظر هوندي آهي، پوءِ

پاڪيزهه تجلين ۾ جلال خداوندي جي آسمان تي سچائي جو چنڊ چمڪندو نظر ايندو آهي حجر اسود جو اسرار عام ماڻهن کان ته مخفي آهي، پر ڪجهه الله وارا جن کي الله چونديو آهي ضرور هن راز جا راز دار رهيا آهن، حجر اسود کي چمڻ راز الاهي آهي، ۽ سنت نبوي آهي، درحقيقت طواف بيت الله جسماني عبادت کان وڌيڪ روحاني عبادت آهي، جهڙيطرح ظاهري عبادت عاجزي انڪساري ۽ پاڻ کي هيچ ڪري حضور الاهي ۾ پيش ٿيڻ جو نمونو نماز آهي، اهڙيطرح طواف بيت الله ظاهري عبادت سان گڏ محبت جي علامت پڻ آهي ته انسان جو روح هر وقت پنهنجي محبوب حقيقي جي چوگرد هر دم گهمندو رهي، ۽ محبت جي تقاضا آهي ته ان تي قربان ٿي وڃي، هڪڙي روايت ۾ آهي ته پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته حجر اسود زمين تي الله جو ساڄو هٿ آهي، هو ان ذريعي پنهنجي مخلوق سان اهڙي نموني مصافحو ڪندو آهي، جيئن انسان پنهنجي پياء سان هتي هيء خيال دل دماغ ۾ پڻ چمڪيو ته انسان کي کپي ته هر دم الله جي محبت ۾ مست ۽ محو رهي ۽ ان جي هن پاڪ گهر تي قربان ٿي وڃي، جيڪو زمين تي ان جو قائم مقام آهي، حاجي جڏهن برڪتن جي مرڪز ۽ مخزن مکي پاڪ ۾ پهچندو آهي ته جيڪا حالت ۽ ڪيفيت دل تي سوار ٿيندي آهي سا ته ٿيندي آهي، پر ڪيڏي مهل الله جي قديم ۽ پاڪ گهر جو طواف ڪندي ۽ تسبيح پڙهندي يا ان جو حمد ڪندي جڏهن حجر اسود وٽان گذرندو آهي ۽ ان کي چمندو آهي ۽ رکن يماني کي هٿ يا اشاري سان ڇهندو ۽ ملتزم کي چمبڙندي زاريون ڪندو ۽ دعائون گهرندو آهي ته دل ۾ عجب احساس جا رنگ اجاگر ٿيندا آهن ان وقت دل جي ڪيفيت ۽ حال کي قلم بند ڪرڻ يا ان کي لفظن جو جامو پهرائڻ گهٽ ۾ گهٽ هن ناچيز جي لاءِ ممڪن ناهي، بس ايترو چئي سگهجي ٿو ته چڻ ته جسماني قالب کان روح جدا ٿي ويو آهي، آئون سراپا مجرد روح آهيان جيڪو هن پاڪ گهر جو طواف ڪري رهيو آهيان، پلا هن کان وڌيڪ انسان جي لاءِ ڪا سعادت ۽ خوش بختي ٿي سگهي ٿي؟

طواف جي لذت ۽ پاڪ بيت الله جي انوار سان سرشار دل محو ۽ مست هئي، ست چڪر پورا ٿي ويا، وقت گذرندي دير ئي ڪانه لڳي، حجر اسود جي برابر پهچي تڪبيرون چوندي اشاري سان ان کي چميو ، هجوم وچان وڏي مشڪل سان مقام ابراهيم جي پٺيان جيئن تيئن ڪري طواف جا نفل ادا ڪيا ۽ دعا خير گهري، زم زم جو پاڻي جيڪو ان وقت عقيدت جي عينڪ پاتل هئڻ ڪري آب حيات ٿي لڳو ، خوب پيتو سين ۽ منهن مٿو پسايا، هيء اهو ئي زم زم آهي، جيڪو حضرت بي بي هاجره ۽ حضرت اسماعيل عليه السلام کي سندن توڪل علي الله ۽ يقين بالله جي امتحان ۾ پاس ٿيڻ تي انعام طور چشمي جي صورت ۾ عطا ٿيو هو .

در اصل حج جي احڪامن ۾ ٽي فرض ۽ پنج واجب آهن، احرام ٻڌڻ، عرفات ۾ نائين ذوالحج جو وقوف ۽ طواف زيارت، اهي ٽيئي فرض آهن، واجبات ۾ مزدلفي ۾ ڏهين تاريخ ذوالحج جي رات جو ترسڻ، صفا ۽ مروه جو سعيو ڪرڻ، شيطان کي پٿريون چٽڻ، طواف وداع ڪرڻ ۽ حلق يا قصر ڪرائڻ، هن کان علاوه سڀ سنتون ۽ مستحب عمل آهن، عمره ۾ ٻه فرض ۽ ٻه واجب آهن، هڪ احرام ٻڌڻ ۽ ٻيو طواف ڪرڻ فرض آهن، صفا مروي جو سعيو ڪرڻ ۽ مٿو ڪوڙائڻ يا ڪترائڻ اهي ٻئي واجب آهن.

طواف جي تڪميل سان ناچيز جي حج تمتع جي عمري جي ادائيگي ۾ به فرض ارڪان خير سان پورا ٿي چڪا آهن.

## صفا مروه جو سعي:

طواف عمره کان فارغ ٿي عمره ادا ڪندڙ حاجي سڳورا باب السلام مان گذري صفا جي متبرڪ ٽڪريءَ تي چڙهندا آهن، جتان ڪعبته الله شريف تي نظر پوندي آهي اتي بيهي ان ڏانهن منهن ڪري دعا گهرندا آهن، سعي جي نيت ڪندا آهن ۽ تڪبيرون بلند آواز سان چوندي صفا ۽ مروه جي ٽڪرين جي وچ ۾ ست چڪر ڪندا آهن، صفا جي لاهي کان لهندي روشنين جي وچ ۾ ڪجهه ميٽر مرد ماڻهو ڊوڙي گذرندا آهن، جتي بي بي هاجره عليه السلام ڊوڙي هئي آخري ستون چڪر مروه جي پهاڙي جي ٽڪري تي پورو ٿيندو آهي، جتي دعا گهري پرئين پاسي ٻاهر نڪرندا آهن، درحقيقت صفا ۽ مروه شعائر الله سان آهن، انهن ٻنهي پهاڙين جي وچ ۾ بي بي هاجره عليها السلام پاڻي جي تلاش ۾ ڊوڙي هئي، جيڪا سندس ادا الله تعاليٰ وٽ مقبول ٿي، جنهن جي ياد کي تازو ڪرڻ ۽ سنت کي زنده رکڻ لاءِ حاجين عمره ڪندڙن تي اهو عمل پڻ واجب ڪيو ويو آهي، هتي سعيي دوران حضرت ابراهيم عليه السلام جو بي بي صاحبه کي هن مقام تي الله تعاليٰ جي سپرد ڪري اڪيلي ڇڏي واپس وطن ڏانهن موٽڻ، حضرت اسماعيل عليه السلام جو جنم ۽ بي بي صاحبه جو پاڻي جي تلاش ۾ انهن ٻنهي پهاڙين وچ ۾ ڊوڙڻ جو پورو منظر فلم وانگر دل جي اکين آڏو اچي بيهندو آهي، بي بي صاحبه عليهما السلام جي الله تعاليٰ تي پختي يقين ۽ توڪل جو روحاني فيض حاجي سڳورا حاصل ڪندا آهن.

## حلق ۽ تقصير

صفا ۽ مروه جي سعي کان فارغ ٿي حاجي سڳورا مٿو ڪوڙائيندا آهن يا ڪجهه قدر وار ڪترائيندا آهن ۽ احرام ڇوڙي ڇڏيندا آهن، جن حج قرآن جي نيت ڪئي هوندي آهي اُهي نه حلق يا تقصير ڪرائيندا آهن نه احرام لاهيندا آهن، اهي هن احرام سان ئي حج ادا ڪري قرباني کان پوءِ احرام ڇوڙيندا آهن، احرام ٻڌڻ يا مٿو ڪوڙائڻ جو حڪمتون به عجب آهن، عادت مٽائڻ مشڪل ڪم هوندو آهي، عادي ماڻهو جو پنهنجي عادت مٽائڻ معجزي کان گهٽ ناهي، اهڙا معجزا اسان کي حج جي ارڪانن جي ادائيگي دوران وک وک تي ڏسڻ ۾ ايندا جنهن جي حڪمت حاجين سڳورن کي پنهنجي زندگي ۾ تبديلي ۽ انقلاب آڻڻ جي مشقن ۽ عمل مان گذارڻ آهي.

## اٺين تاريخ ذوالحج منيٰ ۾ قيام

اٺين ذوالحج جي صبح کان ئي حاجي سڳورا نئين سراحرام حج جي نيت سان ٻڌندا آهن، اهو احرام حرم جي حدود اندر ئي ٻڌندا آهن، ۽ قافلن پنيان قافلا وادي منيٰ ۾ پهچڻ شروع ٿيندا آهن، جيڪي زوال کان وٺي نائين تاريخ جي فجر نماز تائين منيٰ ۾ قيام پذير هوندا آهن اڄڪلهه منيٰ جي وادي ۾ حج جي ڏينهن ۾ هر طرف قطار در قطار خيما ئي خيما نظر ايندا آهن، هر مڪتب جي ڪيمپ ۾ ڪيئي خيما ڪوڙيل هوندا آهن، مردن ۽ عورتن جي لاءِ ڪئيمپ ۾ الڳ الڳ خيما هوندا آهن، هر خيمي ۾ اٽڪل به سئو کن حاجين جي قيام جو بندوبست ٿيل هوندو آهي، فوم جا نرم گدا وڇاٽي طور هر هڪ حاجي لاءِ وڇايل هوندا آهن، جن تي سفيد چادرون ۽

تکيا موجود هوندا آهن، هر خيمي ۾ سينٽرل هيوي اي سيز جو بندوبست ٿيل آهي انڪري جون جولاءِ جي گرمي ۾ به خيمن اندر بهار جي موسم جهڙي ٿڌڙي هوا لڳي رهي هوندي آهي، اهڙي طرح هر ڪئمپ ۾ واش رومن ۽ پاڻي جو به اعليٰ درجي جو انتظام ٿيل آهي، مردن ۽ عورتن جا باٿ روم الڳ الڳ ٺهيل آهن، وضو خانن ۽ غسل خانن جو مردن عورتن لاءِ الڳ الڳ انتظام ٿيل آهن، حاجي اجوڪي ڏينهن پنج نمازون منيٰ ۾ پڙهڻ جي سنت ادا ڪرڻ لاءِ ترسيل هوندا آهن، پر دل ۾ اڪير ۽ انتظار اڳين منزل عرفات جي ميدان ۾ پهچڻ جو هوندو اٿن.

## نائين ذوالحج عرفات جو وقوف

عرفات جو وقوف حج جو رڪن اعظم آهي، وقوف جو وقت نائين ذوالحج جي طلوع آفتاب کان وٺي غروبه تائين آهي، هن دوران ڪجهه گهڙيون به حاجي کي عرفات جي ميدان ۾ وقوف نصيب ٿيو ته رڪن جي ادائيگي لاءِ ڪافي آهي. اڄڪلهه حاجين جو هڪ وڏو تعداد هڪ ئي وقت ۾ منيٰ کان عرفات پهچائڻ مشڪل ڪم آهي، انڪري انتظامي مجبوري کي سامهون رکندي، نائين تاريخ جي رات سنجهي ۾ ئي بسون ۽ ريل گاڏيون حاجين جا قافلا ڪٽي رات جو اوير سوير عرفات ۾ پهچائينديون آهن، سعودي سرڪار جي ميزباني ۾ هر مڪتب جي حاجين لاءِ الڳ الڳ خيما بستيون قائم ٿيل آهن، جن ۾ عاليشان انتظام ٿيل هوندو آهي، هر خيمو ايئرڪنديشن لڳل ۽ ضيوف الرحمان لاءِ سعودي سرڪار طرفان کائڻ پيئڻ جو پڻ عاليشان بندوبست ٿيل آهي، هتي به وضوءِ خانن، غسل خانن ۽ واش رومن جو حاجين لاءِ بهترين انتظام ٿيل آهي، لائيٽ جي سهولت چوويهه ڪلاڪ موجود آهي. حاجي سڳورا نائين جي صبح تائين پنهنجن پنهنجن ڪيمن ۾ پهچي ڪجهه گهڙيون سفر جوٿڪ پچندا آهن ۽ آرام ڪندا آهن، ۽ پوءِ تسبيح ، ذڪر فڪر ۽ نوافل ۾ مشغول نظر ايندا آهن، ظهر نماز جي وقت شروع ٿيڻ سان هڪ دم خيمن کان ٻاهر نڪري ايندا آهن، کليل آسمان هيٺان گرمي هجي يا سردي مٿن اگهاڙا هٿ کڻي نهايت عاجزي ۽ انڪساري سان دعاؤن گهرندا آهن مناجاتون پڙهندا آهن. پنهنجن گناهن جي مغفرت لاءِ زارو قطار روئندا ۽ ٻاڏائيندا آهن، چڻ ته حشر جو ميدان آهي، هر ڪنهن کي نفسانفسي پئي آهي، عجيب غريب منظر هوندو آهي، جيڏانهن ڏس ته ماڻهو هوندا آهن، هتي حاجي پنهنجن پيارن عزيزن دوستن احبابن لاءِ وٺي دعاون گهرندا آهن، پنهنجي پنهنجي وطن، عالم اسلام سان ذات جي سلامتي ۽ امن لاءِ اوڇينگارون ڏيئي دعاون گهرندا آهن. فقط ظهر نماز جي آخري وقت ۾ ظهر ۽ عصر جون گڏوگڏ پنهنجن ڪيمن ۾ جماعتون ڪري ادا ڪندا آهن، وري موٽي اچي خيمن کان ٻاهر کليل ميدان ۾ آهه وزاري ۽ دعائڻ، مناجتن ۾ مشغول ويندا آهن، عرفات جي ميدان ۾ جبل رحمت ۽ مسجد نمره خاص زيارت گاهون آهن، جنن جي زيارت جي هرحاجي کي اڪير هوندي پر اجوڪي ڏينهن اڪثريت حاجين جي انهن متبرڪ مقامن جي زيارت ڪري اهو ڏاڍو مشڪل آهي، انڪري هن کي حج جي ارڪانن جي ادائيگي کان فارغ ٿيڻ تائين ملتوي رکبو آهي، عصر جي نماز کان پوءِ آفتاب جو انتظار ڪندا آهن، مغرب جي اذان ٻڌڻ شرط ٻاهر نڪري مزدلفي ڏانهن ڪاهيندا آهن، ڪجهه قافلا پيادل ئي پنڌ پوندا آهن، پر اڪثريت خاص ڪري جن سان گڏ پيرسن ضعيف، عورتون ۽ ٻار هوندا اٿن اهي بسن ۽ ريل گاڏين ذريعي مزدلفي پهچندا آهن.

## مزدلفي ۾ وقوف

حاجين جو مزدلفي ۾ پهچڻ جو سلسلو سج لٿي کان وٺي رات جي پوئين پهر تائين جاري رهندو ٿاهي، مزدلفي جي ٽڪري تي مسجد مشعر الحرام جي آس پاس جتي به جاء ملندي آهي، اتي پنهنجي پاٿاري ڪندا آهن، جتي سامان ٿيلهو چادر وغيره رکندا آهن، پوء سڀ کان اول مغرب ۽ عشاء نماز گڏ ادا ڪندا آهن ، پوءِ جيڪو وقت ملندو ان ۾ سڄي ڏينهن جي سفر جو ٿڪ پچندا آهن ته ڪي ذڪر فڪر ۾ نفلن جي ادائيگي سان اکين کي اوجاڳو ڏيندا آهن، هن وچ ۾ ايندڙ ٽي ڏينهن ۾ جمرات کي چٽڻ لاءِ نندڙيون پٿريون مزدلفي جي ٽڪري تي ئي ميڙي ٿيلهن ۾ محفوظ ڪندا آهن، ۽ صبح صادق جي طلوع ٿيڻ جو انتظار ڪندا آهن.

مزدلفي ۾ وقوف جو اصل وقت طلوع فجر کان وٺي طلوع شمس تائين آهي، باقي رات جو قيام سنت آهي. جيئن ئي فجر نماز جي اذان ڪن تي پوندي نآهي ته سڀ حاجي سڳورا اٿي ڪري وقوف مزدلفه ڪندا آهن، ۽ جلدي جلدي نماز فجر ادا ڪندا آهن، طلوع شمس کان اڳ ۾ ئي منيٰ ڏانهن جمرات کي پٿريون چٽڻ لاءِ روانا ٿي ويندا آهن، جهڙي ريت مزدلفي ۾ رات جو قيام ٿيندو آهي ۽ صبح جو سويرا ٿي وقوف مزدلفه کان پوءِ قافلن جو منيٰ ڏانهن پنڌ پوڻ ٿيندو آهي، اهو به عجيب غريب منظر هوندو آهي، انوکو تجربو هوندو آهي، هيءَ مشاهدو ايئن ٿي لڳو جڻ ته بيهر جيئرا ٿيا آهيون ۽ قبرن مان اٿي محشر جي سفر ۾ آهيون، ڪڏهن وري ايئن ٿي احساس ٿيو ته دنيا جا سڀ انسان ڪارا گورا عربي عجمي سڀ آدم جو اولاد هڪجهڙا آهيون، هڪ ئي ڪٽنب جا آهيون، سڀ ڀاء ڀاء آهيون، سيني جي منزل هڪڙي آهي ، هتي رنگ ۽ نسل جي انسانن جي وچ ۾ سچ پچ ته انساني اخوت ۽ ڀائپي جو سچو احساس ۽ جذبو جاڳي ٿو .

## مزدلفي کان منيٰ ڏانهن سفر ۽ جمرات کي چٽڻ

مزدلفي کان منيٰ ۾ جمرات تائين پهچڻ لاءِ ڏگهي رخ ۾ ڪشادين سڙڪن جو ڄارو ڇايل آهي، جنهن جي ٻنهي پاسن کان جبل شبير جي اوچي ٻاٿ وارين پهاڙن ۽ پهاڙين جو سلسلو سموري وادي منيٰ کي ايئن گهيريو بيٺو آهي جڻ ته الله جي مهمانن جا محافظ هجن، ڏهين ذوالحج جي صبح جو سوير حاجي مزدلفي کان وادي منيٰ جي طرف شيطانن کي پٿريون چٽڻ لاءِ نڪرندا آهن، جڻ ته سڀ روڊ رستا منيٰ جا ڇوليون هڻندڙ دريا هجن، لکين حاجين جا قافلا پيادل پنڌ ڪندا جمرات ڏانهن روان دوان هوندا آهن، اهو پنڌ لڳ ڀڳ چار ڪلو ميٽر کن اڄوڪي ڏينهن ۾ اٽڪل ٽي کان چار ڪلاڪن ۾ طئي ٿيندو آهي، اسين "وادي محسر" جنهن ۾ ترسڻ جي منع آهي، هتان حاجي تيزي سان لنگهي ويندا آهي، کي ڪاٻي پاسي ڇڏي ٽريفڪ سنيپاليندڙ شرطن جي اشاري تي ساڄي پاسي واري شاهراه ڏانهن مڙياسين، اڳيان ملڪ فيصل ڪبري (پل) ڪراس ڪري جديد منيٰ جي خيمن وچان گذرياسين، مسجد خيف جي آس پاس پاڪستاني، افغاني خيمن وٽان لنگهي جنهن سرنگ ۾ گهڙ ياسين، ان ۾ اڌ ڪلاڪ کن پنڌ هلندي سرنگ جي ٻئي ڇيڙي تي ان جو منهن جمرات ڪامپليڪس جي ٻي منزل تي کلي ٿو ، جتان ٻاهر نڪتاسين، ڪجهه ميٽر اڳتي هلياسين ته سامهون جمرات نظر آيا.

اڄڪلهه هر طرح جي سهولتن ۽ انتظامن باوجود حج جي هنن پنجن ڏينهن واري سفر ۾ سڀ کان وڌيڪ

صبر آزما ۽ مشقت وارو سفر حاجين لاءِ مزدلفي کان منيٰ جو هيءُ سفر آهي. هنن ڏينهن ۾ عوامي سواري بلڪل بند هوندي آهي، ان ڪري سخت گرمي ۾ هيءُ سفر قيامت جو ڏينهن ياد ڏياري ڇڏيندو آهي، پر اهڙي تڪليف ۽ مشقت باوجود حاجين جا حوصلا بلند هوندا آهن، هن يادگار روح پرور مشقت ۽ تڪليف مان به حاجي سڳورا لطف اندوز ٿيندي، روحاني راحت پيا محسوس ڪندا آهن، تلبيون تنواريندي، هڪ ٻئي جو سهارو بڻجندي پيا اڳتي رڙهندا آهن، دنيا جي مختلف ملڪن کان آيل جدا جدا رنگ نسل جي حاجين سان گڏ هلندي هيءُ احساس ٿيندو آهي ته رنگ نسل جي تفريق ۽ علائقائي لساني امتياز ۽ فرق سڀ ڪوڙ آهن، اقتداري ۽ استحصالي ٽولن جون هٿرادو جوڙيل محض اصطلاحون آهن، سچ ۽ حقيقت صرف هيءُ آهي ته اسين سڀ انسان سڳڻ ڀائرن وانگر آهيون، اسان سڀني جي ثقافت، تهذيب ۽ منزل هڪڙي آهي، اڄ اسين سڀ جهڙوڪر، پنهنجي ازلي دشمن سان قطع تعلق جو اعلان ڪري ۽ ان کي پنهنجي اندر مان تڙي ڪڍڻ جو پڪو پهه ڪيو آهي.

جمرات جيڪي چند ميٽرن جي وٿي سان هڪ قطار ۾ بيٺل آهن، اهي پٿر جا ٿنڀ آهن، جن تي ديوار جي صورت ۾ اڄڪلهه وڏا ٿنڀ، جمرات ڪامپليڪس جي ٻي ۽ ٽي منزل تائين جوڙيا ويا آهن، جن کي حاجي هنن حج جي مقرر تاريخن ۾ پٿريون هڻندا آهن. هيءُ سنت ابراهيمي آهي، هتي شيطان حضرت ابراهيم عليه السلام کي حضرت اسماعيل عليه السلام جي قرباني کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر حضرت ابراهيم عليه السلام هر واري ان کي ست ست پٿريون هڻندي تڙيو هو ۽ ان سان قطع تعلقي جو اعلان ڪيو هو ، هي عمل حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جي سنت ۽ حڪم جي تعميل ۾ واجب سمجهي حاجي ادا ڪندا آهن، ڏهين ذوالحج جو صرف آخري مڪي پاڪ جي طرف بيٺل جمره عقبه کي پٿريون ڇٽيندا آهن، جنهن جو افضل وقت طلوع آفتاب کان زوال تائين آهي، بعد ۾ به ٻئي ڏينهن تائين جائز عمل آهي، باقي ٻه ڏينهن "جمره اوليٰ" جيڪو ڪامپليڪس ۾ گهڙندي ئي پهرين ايندو آهي ۽ "جمره وسطيٰ" جيڪو ٻئي نمبر تي آهي ۽ جمره عقبه جيڪو آخري وڏو شيطان چيو ويندو آهي ٽنهي کي ست ست پٿريون هنيون وينديون آهن، هنن ٻنهي ڏينهن يعني يارهين ۽ ٻارهين تاريخ ۾ پٿريون ڇٽڻ جو وقت زوال آفتاب کان بعد آهي. جمرات کي پٿريون ڇٽڻ وقت دل تي هيءُ احساس هو ته ڄڻ حاجي ظاهر ۾ ته انسان جي ازلي دشمن شيطان جنهن جي علامت هيءُ پٿر آهن کي پٿريون هڻي رهيو آهي، پر حقيقت ۾ خود انسان جي اندر موجود خناس جيڪو هر نيڪي جي ڪم ۾ وسوسا پيدا ڪندڙ آهي کي تڙي رهيا آهن، ان سان قطع تعلقي جو عزم ۽ اعلان ڪري رهيا آهن.

## قرباني ڪرڻ

جمرات کي ڇٽڻ بعد حج تمتع ۽ حج قران ڪندڙن حاجين تي حج جهڙي نعمت ۽ شڪراني ايام نحر ۾ جانور جي قرباني ڪرڻ واجب آهي، قرباني منيٰ ۾ يا حدود حرم ۾ ڪئي ويندي آهي، قرباني جي ادائيگي بعد حاجي حلق يا قصر ڪرائيندا آهن. جيستائين قرباني جو جانور ذبح نه ڪيو ويندو تيستائين حلق يا قصر نٿو ڪرائي سگهجي.حلق يا قصر ڪرائڻ بعد حاجي سڳورا احرام ڇوڙي پنهنجو اصلي لباس پائيندا آهن، حاصل مطلب ته جمرات کي ڇٽڻ، قرباني ڪرڻ ۽ حلق ۾

ترتيب لازم آهي، جيڪڏهن ترتيب جي ڪنهن حاجي خلاف ورزي ڪئي ته ان تي دم واجب ٿيندو .

قرباني وقت دل تي هيءَ احساس هو ته حقيقت ۾ حاجي قرباني جي جانور کي قربان گاهه ذبح ڪرڻ لاءِ نٿو وٺي وڃي، بلڪ پنهنجي سرڪش نفس کي ٿو وٺي وڃي. نفس کي ڪاتي سان کهي هميشه لاءِ ان کان جان ڇڏائي. قرباني دراصل خداوندڪريم جي محبت ۽ قرب حاصل ڪرڻ جو ذريعو ۽ وسيلو آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي زباني ته :

ڀهرين ڪاتي پائي ڪنڌ تي ڀوءِ ڀُڇج پريتڙو

## طواف زيارت

طواف زيارت جو ٻيو نالو طواف اضافه آهي، هيءَ حج جو ٽيون رڪن آهي. هن طواف جو وقت 10 ذوالحج صبح صادق کان وٺي ٻارهين ذوالحج جي غروب آفتاب تائين آهي. پر 10 ذوالحج جو اهو طواف ڪرڻ افضل آهي. اڄ جنهن وقت ناچيز قرباني ۽ حلق کان فارغ ٿي ڪري احرام لاهي ڪپڙا پائي نهايت عجز ۽ انڪساري وچان نظرون جهڪيون رکي مطاف ۾ پير پاتو ته دل ۾ عجيب احساس چمڪيو ته ڇا خداوند ڪريم جي مقدس گهر جو شان جو مقام، ڇا ناچيز گنهگار جي اوقات! ڇا ڪريان، ڇا ڳهران! اڄ جڏهن سامهون سياهه غلاف ڪعبه تي نظر پيئي ته عجب سرور ۽ راحت جي لهر دل ۾ پيدا ٿي ، اڄ نظر بي اختيار بار بار برڪت واري گهر ڏانهن ڪڇي ٿي ويئي، اڄ سياهه لباس ۾ ملبوس مقدس بيت الله ڪنهن ماهه رخ محبوبه کان سوين ڀيرا وڌيڪ حسين پرڪشش ۽ مانوس ٿي لڳو ، هزارين عاشق هن محبوب ۽ مقدس بيت ۾ نظرون وجهيو ، مطاف کي گهيريو ويٺا آهن تن سيني جي تسبيح ۽

عبادت، ورد ۽ وظيفو اهو ديدار ئي آهي. هن عظيم اجتماع جي مشاهدي مان عالم اسلام جي اخوت ۽ وحدت ملت جو احساس شدت سان ٿو اڀري ، درحقيقت حج رڳو مشقت ناهي بلڪ هيءَ هڪ الله جي رضا طلبي ۾ هڪ اهڙي بابرڪت مشقت آهي، جيڪا نه رڳو حاجين جي خيالن ۽ احساسن تي بلڪ سندن اخلاق ۽ ڪردار تي پڻ اثر انداز ٿيندي آهي، سچ پچ ته حج هڪ اهڙي مشقت ۽ عبادت آهي جيڪا حاجي کي هڪ نئين زندگي بخشي ٿي، حاجي جڏهن وطن ٿو موٽي ته تازي ڄاول ٻار وانگر پاڪ صاف ۽ معصوم ٿي موٽي ٿو .

## طواف وداع

وداع جو طواف جيڪو وطن واپسي وقت حاجي بيت الله شريف کان موڪلائڻ جي نيت سان ڪندو آهي، طواف وداع جو وقت طواف زيارت کان بعد ترت شروع ٿي وڃي ٿو . جڏهن مڪي پاڪ کان واپس وطن موٽڻ جو پختو ارادو هجي ته طواف وداع واجب آهي. جڏهن حاجي سڳورا برڪت ۽ هدايت جي مرڪز بيت الله شريف کان موڪلائي ڪري حرم پاڪ کان نڪرندا آهن، ته سندن اکيون آبشار بڻجي پونديون آهن، رب ڪعبه جي بارگاهه ۾ ٻيهر حاضري لاءِ بار بار دعاون گهرندا آهن. قبوليت جي قوي اميد سان التجاون ڪندا آهن، مسجد الحرام جي منارن ۽ مڪي پاڪ جي جديد عمارتن ۽ جبلن تي نظر وجهي فراق جي گهڙين ۾ حاجي ٿڌيون آهون ڀريندا آهن، اهڙيطرح دل تي جدائي جي غم ۽ احساس سان مڪي پاڪ کان موڪلائي ڪندا آهن. يقينا وحي الاهي جي فيض سان ٽمٽار فضا ۽ روحانيت جي هن دنيا ۾ چند گهڙيون گهارڻ صدين تائين ملندڙ عمر کان وڌيڪ قيمتي ۽ عزيز آهن.

آمنھ حامد زبيدي

# معاشرتي ۽ ذاتي اصلاح

## جديد انسان جي توجھ جي لاءِ

هڪڙي حديث پاڪ جو مفهوم آهي ته ”ٻين ماڻهن جي لاءِ به اهو ئي پسند ڪريو جيڪو پنهنجي لاءِ پسند ڪندا آهيو ته اوهان حقيقي مسلمان بڻجي ويندو.“ ڪجهه ماڻهون ان جو مطلب اهو سمجهندا آهن ته جڏهن اسان بازار مان پنهنجي لاءِ ڪا خريداري ڪندا آهيون ته ٻين جي لاءِ به اهو ئي سامان خريد ڪريون، يا وري جيڪو ڪجهه کائون ٿا يا پايون ٿا، ان مان ڪجهه ڪدي ٻين کي ڏيون، ته مطلب ته اسان ٻين جي لاءِ به اهو ئي پسند ڪيو جيڪو پنهنجي لاءِ ڪيو. حالانڪه ايئن بلڪل ناهي، هن حديث پاڪ جو مطلب آهي ته توهان وٽ جيڪڏهن ڪا سٺي شئي آهي ته توهان جي اها دلي خواهش هجي ته ڪاش! منهنجي مسلمان ڀاءَ وٽ به اها نعمت هجي، جيڪي شيون اسان واپرايون ٿا اهي ٻين کي به نصيب ٿين ۽ جيڪي سهولتون اسان کي مليل آهن، اهي ٻين کي به ميسر ٿين، انهي خواهش پويان خير خواهيءَ جو جيڪو جذبو ڪار فرما آهي ان تي ڪي پئسا خرچ نٿا ٿين، نه ئي ڪا محنت ٿي لڳي، پر ٻين جي ڀلائي سوچڻ تي اجر ضرور مليو وڃي ۽ حقيقي مسلمان هئڻ جو لقب پڻ .

پر اڄوڪي دور ۾ اهو جذبو اڻ لڀ ٿي ويو آهي، ڳولئي به نٿو لڀي، جيڪڏهن ڪا سٺي شئي ڪنهن کي ملي وڃي ته ان جي آخري حد تائين اها ڪوشش هوندي آهي ته متان ٻئي ڪنهن کي نه اها شئي ملي وڃي، حالانڪه ان جي شين ۾ ڪا گهٽتائي نٿي ٿئي، الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن مان ڪنهن کي نعمتن سان نوازي ته ڏسڻ وارن کي پنهنجي دل سوڙهي نه ڪرڻ کپي.

اسان جو دين اسان کي ڪيڏيون سٺيون ڳالهيون سيکاري ٿو ، ٻين جي خير خواهيءَ جو جذبو دل ۾ رکڻ واري جي به تعريف ڪئي وئي آهي، ايتري قدر جو ان کي حقيقي مسلمان جو درجو ڏنو ويو آهي، اها ئي دل خوبصورت آهي جنهن ۾ ٻين جي لاءِ همدردي ۽ ڀلائي جو جذبو موجود آهي. ٻين وٽ اسان جهڙي شئي هوندي ته ان ۾ ڪهڙو حرج، پاڻ کي ڪيڏو نيڪ سمجهندا آهيون، حالانڪه اهو تڪبر ۽ وڏائي جو احساس آهي، جو اها سوچ هجي ته جيڪي نعمتون مون وٽ آهن، اهڙيون يا انکان بهتر ڪنهن ٻئي وٽ نه هجن، چاهي اولاد هجي يا روزگار، شاندار بنگلو هجي يا گاڏي جي صورت ۾ ، يا ڪپڙي ۽ زيور جي صورت ۾ ، ڪو به ايئن نه چاهيندو آهي ته منهنجي ٻار جهڙي ڪاميابي ڪنهن ٻئي کي ملي، نه ئي منهنجي دوستن جهڙا وفادار دوست ڪنهن ٻئي وٽ هجن.

اسان جي اندر بخل ايڏو وڌي ويو آهي ۽ دليون سوڙهيون ٿي ويون آهن، جو ٻين جي لاءِ خير خواهيءَ جو جذبو ئي دل ۾ ناهي رهيو ، ۽ نه ئي ٻين جي خوشي برداشت ٿي ٿئي، حالانڪه ان ۾ اسان جو ڇا ويندو ، جو ٻين کي به مسرتون ملن ۽ اهي به مال واولاد ۾ برڪتون حاصل ڪن .

هڪڙي عرب عورت جو واقعو اخبار ۾ شايع ٿيو آهي، 19 هزار ريال جو وڳو پائي هڪڙي شادي ۾ وئي، ڪيس يقين هو ته اڄ ڪا به عورت منهنجو مقابلو ڪونه ڪري سگهندي، پر جڏهن ٿوري دير ڪانپوءِ هڪ ٻي عورت کي ساڳئي سوٽ ۾ ملبوس ڏٺائين ته برداشت نه ڪري سگهي، ۽ شادي ڇڏي گهر واپس هلي وئي.

اسان جي نئين نسل جو به تقريبا اهو ئي حال آهي، عيد ۽ شاديءَ جي مواقع تي پنهنجي تياريءَ کي مٿن مائٽن کان ان ڪري لڪائيندا آهن ته جيئن سڀني کان منفرد لڳون ۽ ڪو ٻيو اسان کان وڌيڪ سٺي تياري نه ڪري اچي.

دنياوي مال ومتاع هتي ئي رهجي ويندو ، پوءِ هي ريس ڪسر ۽ مقابلي بازي ڪهڙي ڪم ايندي، هڪڙي ئي خاندان جون ڇوڪريون پنهنجي عيد جي تياريءَ کي به پنهنجن سوٽين ماساتين کان لڪائينديون آهن، اها ڪوڙي وڏائي ۽ ٺٺ ٺانگر هتي انسان جي اکين جو ڏوڪو آهي، نه ته سواءِ نيڪ عمل جي ڪابه شئي انسان هتان پاڻ سان ڪو نه کڻي ويندو.

## دنيا جي ڏوڪي کان بچڻ لاءِ ضروري آهي ته آخرت واري منزل کي نه وسارجي

هڪڙي شخص خواب ۾ ڏٺو ته هڪڙو شينهن سندس تعاقب ۾ آهي، جنهن کان بچڻ جي لاءِ اهو شخص هڪ وڻ تي چڙهي ويو ، جنهن مضبوط ٽاريءَ تي ويٺو هو ڏٺائين ته ان کي هڪ ڪارو ۽ هڪ اڇو ڪئو مسلسل ٽُڪڻ ۾ مصروف آهن، ۽ وڻ جي هيٺان هڪ وڏو اژدهاوات کولي ان شخص جي ڪرڻ جي انتظار ۾ ويٺو آهي.

ڄاڻي وٺو ته اهو شينهن انسان جو موت آهي، جيڪو سندس تعاقب ۾ آهي، ۽ ڪوئا جيڪي وڻ جي ان ٽاريءَ کي ٽڪي رهيا آهن، جنهن تي هو ويٺو آهي، اهي رات ۽ ڏينهن آهن ۽ هيٺ وڏو اژدها، سندس قبر آهي، جيڪا ان جي منتظر آهي اوچتو هن شخص جي نظر انهي وڻ جي ٻي ٽاريءَ تي پئي جنهن تي ماکيءَ جو مانارو لڳل هو ، ان ماناري مان ڦڙا ڦڙا ٿي ماکي هيٺ ڪري رهي هئي، ان شخص ماکي چکي ته مزو اچي ويس، هاڻي هو ماکي چٽڻ ۾ اهڙو مشغول ٿي ويو ، جو اهو خيال به ذهن مان نڪري ويس ته هنجي ٽاريءَ کي لڳاتار به ڪوئا ٽڪڻ ۾ مصروف آهن، اهو ماکيءَ جو مانارو دنيا آهي، جنهن جي لذت ۽ حلاوت ۾ محو ٿي اهو وساري ويٺو ته حياتيءَ جا ڏينهن باقي ڪي ٿورا بچيا آهن، قبر منهنجي منتظر آهي، وقت مختصر وڃي بچيو آهي.

ها واقعي، اسان جي به اها ئي حالت آهي جڏهن ته اسان جا اسلاف، جن جي سچي زندگي پرهيزگاري ۾ گذري، ان جي باوجود اهي پنهنجي نيڪ عمل کي تمام گهٽ سمجهندا هئا ۽ پنهنجي بخشش جي باري ۾ گهڻو فڪر مندي رهندا هئا.

ابن تيميه رحمته الله عليه جي ڪتاب ”مجموعته الفتاويٰ“ جون 38 جلدون آهن، جيڪو اڄڪلهه عربستان جي يونيورسٽين ۾ پڙهايو پيو وڃي، اهو صرف هڪڙو ڪتاب آهي جنهن مان شاگردن سان گڏ اساتذه ڪرام پڻ استفادو حاصل ڪن ٿا، سندن تصنيف ڪيل ٻيا به اڻ ڳڻت ڪتاب موجود آهن، ان جي باوجود ڪين اهو ڊپ هو ته قيامت جي ڏينهن مون وٽ بخشش لاءِ ڪهڙو بهانو ۽ ڪهڙي حجت هوندي، الله کي ڪهڙو جواب ڏيندس؟

# غفلت جي زندگي

انسان ڪيڏو نادان آهي جو سڀني کان وڏيڪ پنهنجو پاڻ کي ڌوکي ۾ رکندو آهي، ڪيڏي عجيب ڳالهه آهي جو ٻين کي نه پنهنجو پاڻ کي سچي حياتي ڌوکي ۾ رکندو ٿو اچي. اهو چئي مطمئن ٿي وڃي ٿو ته الله وڏو غفور الرحيم آهي، پاڻهي اسان جا سڀ گناهه بخشي ڇڏيندو گناهه ڪرڻ کانپوءِ به دل ۾ ڪا بيچيني يا ڳڻتي پيدا نه ٿئي ۽ انسان سوچي ته الله وڏو مهربان آهي، پاڻ ئي سڀ گناه معاف فرمائيندو ، حالانڪه قرآن پاڪ ۾ رب تعاليٰ جو فرمان آهي ته جن ماڻهن کان گناهه سرزد ٿي ويو ، پوءِ هنن توبهه ڪئي ۽ پنهنجا عمل سڌاريا ته بيشڪ الله وڏو بخشڻهار آهي، انهن کي معاف فرمائيندو .

سوچيو ته اسان ڏينهن ۾ ڪيترا ڀيرا توبهن ۽ استغفار ڪندا آهيون ۽ الله کان پنهنجي غلطين جي معافي گهرندا آهيون، اسان مان شايد ڪجهه ماڻهو نماز کانپوءِ 3 ڀيرا استغفار پڙهي ڇڏيندا هجن، ۽ ڪڏهن ته اهو به وسريو وڃي، ڇا اهو ڪافي آهي؟ جڏهن ته اسان جو ڪو ڏينهن اهڙو نٿو گذري جنهن ۾ ڪو گناهه يا غلطي سرزد نه ٿئي، ڪجهه گناهن جو ته احساس ٿئي ٿو ته اسان غلط ڪيو آهي، ۽ ڪيترا ته اڻ ڄاڻائيءَ ۾ سرزد ٿيو وڃن، اڪثر گناهه ته عادت بڻجي ويا آهن.

حضور پاڪ صلي الله عليهِ وسلم جن ايڏي پاڪيزه زندگي گذارڻ جي باوجود روزانه ستر ڀيرا الله تعاليٰ کان مغفرت طلب ڪندا هئا، ته ڇا اسان جي گناهن سان ڀريل زندگيءَ جي لاءِ معمولي استغفار ڪافي آهي؟ بلڪل نه، اسان کي پنهنجي عملن جي بدصورتي ۽ ڏوهن جي سنگيني جو اندازو ئي ڪونهي، هر برائيءَ

اسان ۾ اوهان جي لاءِ سوچڻ جو مقام آهي ته اسان وٽ ڪهڙي حجت هوندي ، ڪٿي اسان به ماڪيءَ جي مٺاڻ کي ڇڪندي پنهنجي آخرت کي ته نه وساري ويٺا آهيون، اهو ته نه وساري ويٺا آهيون ته ڪا شئي آهي جيڪا مسلسل اسان جي تعاقب ۾ آهي، ۽ ڪجهه ئي عرصي ۾ اهي ڪارا ۽ اڇا ڪوئا منهنجي ٽاريءَ کي ڪتري ڪيرائڻ ۾ ڪامياب ٿيندا، ايئن حياتيءَ جي ڀڃاٽي ٿيندي ۽ هيٺ وڏي بلا وات کولي جيڪا منتظر آهي، اها اسان جي وجود کي ڳڙڪائڻ ۾ دير ئي نه ڪندي .

ڇا دنيا جي محبت انسان جي دل ۾ اهڙو گهر ڪري وئي نآهي جو اسان وٽ اهو سوچڻ جو وقت ئي ڪونهي ۽ زندگي تيز رفتاريءَ سان پنهنجي منزل ڏانهن روان دوان آهي، اسان دنياوي ڌنڌن ۾ ايڏا مشغول ٿي ويا آهيون جو اهو احساس ئي ڪونهي ته وقت تيزيءَ سان گذرندو ٿو وڃي ۽ جلد ختم ٿي ويندو ، ڇا اها ماڪيءَ جي لذت ايڏي مزي واري آهي، جنهن اسان کي آخرت جي وڏي خطري کان غافل ڪري ڇڏيو آهي، هن ماڪيءَ جي مٺاڻ جي مدهوشيءَ ۾ پنهنجي منزل کي وسارڻ وڏي ناداني آهي.

موت سان گڏ هر شئي جو خاتمو ٿي ويندو ، اها لذت ۽ شهرت، عزت ۽ راحت سڀ هتي رهجي ويندو ، ۽ آخرڪار انسان اڪيلو ئي پنهنجي عملن جو بار کڻي وڃي قبر داخل ٿيندو ، جتي سواءِ پنهنجي نيڪين جي ڪجهه بهه ڪم اچڻ وارو ناهي. عقلمند اهو آهي جيڪو مرڻ کان اڳ پنهنجي موت جي تياري ڪري وٺي، اها ڇئن ڏينهن واري حياتي انهيءَ لاءِ ناهي ملي جو ان کي راند تماشي ۾ لذت و راحت جي حصول جي خواهش ۾ ان جي جستجو ۾ گذارجي.

کي هلڪو سمجهي ان جي سزا کان بلڪل بيپرواه ٿي ويندا آهيون .

قرآن پاڪ ۾ ارشاد باري تعاليٰ آهي ته قل ما كنت بدعا من الرسل وما ادري ما تفعل بي ولا بكم ان اتبع الا ما يوحي الي وما انا الا نذير مبين . ترجمو: (اي نبي) ”چئو ته آئون ڪو نئين مان رسول ڪو نه (موڪليو ويو) آهيان ۽ مون کي اهو ادراڪ ڪونهي ته مون سان ۽ توهان سان ڇا (معاملو) ٿيندو ، آئون ته بس ان وحي جي اتباع ٿو ڪريان جيڪا مون ڏانهن موڪلي ٿي وڃي، ۽ آئون پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان.“ (سورة احقاف آيت نمبر9)

سوره آل عمران جي آيت نمبر 28 ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ فرمائي ”ويحذركم الله نفسه والي الله المصير“ ترجمو : الله تعاليٰ توهان کي پاڻ کان ڊيڄاري ٿو ۽ الله تعاليٰ ڏانهن موٽڻ آهي. ۽ آيت نمبر 30 ۾ آهي ويحذركم الله نفسه والله رؤف بالعباد. ترجمو: الله تعاليٰ توهان کي پاڻ کان ڊيڄاري ٿو ۽ الله ٻانهن تي مهربان آهي.

اهي آيتون پڙهڻ کان پوءِ به پنهنجي آخرت کان بلڪل بي پرواه ٿي زندگي گذارڻ وڏي ناداني آهي سڪون ته تڏهن ملندو جڏهن الله کان پنهنجي ڏوهن تي پشيمان ٿي معافي گهرجي ۽ آئنده هر ننڍي وڏي غلطي کان پاسو ڪجي، نه ته قبر ۾ به سڪون ڪونه ملندو .

## اجان به وقت ناهي ويو

قرآن پاڪ ۾ فرمان آهي ته الله تبارڪ وتعاليٰ جي جنت جي وسعت ايڏي آهي جو زمين وآسمان به ان جو مقابلو نٿا ڪري سگهن، ان جي باوجود به ان انسان جي بدبختي چئبي جيڪو ان ۾ پنهنجي جاءِ نه ناهي سگهي.

ماڻهو گهڻو ڪري نمازن جي پابندي به ڪندا آهن، روزا به رکي وٺندا آهن پر جنهن شئي ۾ اڪثر گهٽي گهٽتائي رهجي ويندي آهي، اهو آهي اخلاق ۽ ڪردار، پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن بهترين انسان جي جيڪا تعريف ٻڌائي آهي، اها آهي ”بهترين انسان اهو آهي جيڪو مٺا ٻول ڳالهائي ۽ ٻين جي لاءِ نفع بخش ثابت ٿئي، جيڪو ٻين کي خوشيءَ جا تحفا ڏيندو هجي، ۽ ماڻهو ان کان انصاف جي اميد رکندا هجن“ ٻي حديث پاڪ ۾ ارشاد آهي ته : مؤمن اهو آهي، ”جنهن جي هٿ ۽ زبان کان ٻيا مسلمان محفوظ هجن“. مؤمن اهڙو بي ضرر هوندو آهي، جيڪو ٻين جي لاءِ مسئلا پيدا ناهي ڪندو ۽ نه ٻين کي تڪليف پهچائيندو آهي.

اهڙا بي ضرر ماڻهو اڪثر ڪري اهي نظر ايندا جن وٽ ڪو اختيار نه هجي، طاقت ۽ عهدو نه هجي، ۽ جتي انسان وٽ طاقت ۽ قدرت اچي وڃي ٿي، اتي پاڻ کي ڪنٽرول ڪرڻ وڏي ظرف جي ڳالهه آهي، جڏهن انسان وٽ اختيار ۽ طاقت اچي وڃي ۽ اڳيان پٺيان جي سائين ڪرڻ وارا موجود هجن، ۽ جتي ان کي لڳي ته منهنجو رعب ۽ دٻدٻو آهي، مالي حالت ٻين کان گهڻي مضبوط هجي ته سوچيندو ته مال ۽ دولت ۾ ٻين کان برتر آهيان ته مون کي ٻين کان ڊڄڻ جي يا دٻجڻ جي ڪهڙي ضرورت؟ مون کي ٻين جي ڪهڙي پرواهه ، جيڪو وٽي ٻين کي چئي سگهان ٿو ، جنهن تي وٽي ڪاوڙ ڪيان، جنهن جي وٽي بي عزتي ڪريان، ڪير آهي چوڻ وارو؟ ڪو منهنجو وار به ونگو نٿو ڪري سگهي. انسان جڏهن انهي سوچ جو حامل ٿي وڃي ته پوءِ ٻين تي ظلم ڪرڻ لڳي ٿو .

هڪڙي ڳالهه هميشه ياد رکجي ته عزت ۽ اختيار ، طاقت ۽ اقتدار به انسان جي لاءِ آزمائش آهي، الله تعاليٰ

جي طرفان اهي نعمتون ڏيئي انکي پرکيو ٿو وڃي. رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي ته مؤمن اهو آهي جيڪو الله کان ڊڄي ۽ ماڻهن کي پنهنجي شر کان محفوظ رکي، اگر ڪنهن کي خير نٿو پهچائي سگهي ته ٻين کي پنهنجي شر کان بچائي .

مومن ته ايڏو حساس ٿو هجي جو ٻين کي ٿوري به تڪليف نٿو پهچائي، هو ڪنهن جي لاءِ ڪو مسئلو پيدا ناهي ڪندو ، سدائين ٻين جي سولائي سوچيندو آهي، ڪڏهن وري اسان عورتون هن زعم ۾ مبتلا ٿي ونديون آهيونه ته اسان وٽ اختيار آهي ڪنهن کي به ڪجهه چئي ٿا سگهون، خاص ڪري جڏهن عمر وڏي ٿي وڃي ته پاڻ کان ننڍن تي بي سبب رعب ڄمائڻ کي پنهنجو حق سمجهي زيادتي ڪري ويهندا آهيون .

عقلمند ماڻهو پنهنجو پاڻ تي توجه ڏيئي پنهنجي شخصيت کي بهتر بڻائيندو پنهنجي غلطين کي سڌاريندو آهي، پنهنجي عادتن کي خوبصورت بڻائي پنهنجي ذات جي خلاء کي پريندو آهي ۽ پنهنجي صلاحيتن کي بهتر بڻائيندو آهي، ۽ جاهل ماڻهو پرائي پچار ۾ وقت وڃائيندو آهي، ٻين جي جاسوسي ۽ انهن تي تنقيد ڪرڻ کي پنهنجو حق سمجهندو آهي، دل ۾ ٻين جي لاءِ بغض ۽ حسد رکڻ ته عام ڳالهه آهي.

اسان سڀني جي لاءِ سوچڻ جي ڳالهه آهي ته ڪٿي اسان ٻين کي پنهنجي رويئي سان تڪليف ته نٿا ڏيون، ڇا اسان ٻين کي پنهنجي شر کان محفوظ رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ضروري ناهي ته ڪنهن کي تڪليف پهچائڻ لاءِ ان تي هٿ کڻجي، اسان جي زبان ئي زخم ڏيڻ لاءِ ڪافي آهي.

گهڻائي جملا اهڙا آهن جن مان تڪبر ظاهر ٿئي ٿو ۽ ٻين جي دل ڏکي ٿي، مثلا ”آئون ته پنهنجي دل صاف رکندي آهيان، جيڪو دل ۾ هوندو آهي، منهن تي چئي ڏيندي آهيان، ڀلي ڪنهن کي خراب لڳي“ يا وري اسان کان ته بس منافقت نٿي ٿئي، جهڙا اندر ۾ آهيون، اوهڙا ئي ٻاهر، سڌي ڳالهه چوڻ ۾ ڪهڙو هڻڪڻ؟ يا وري، مون کان غلط ڳالهه برداشت ڪانهي ٿيندي، ان ۾ دل ۾ ڪرڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟

بداخلاقيءَ کي ڪٿي ڪهڙو به نالو ڏيو ، رهندي اها بدتميزي آهي اڃان به وقت آهي، پنهنجي اخلاق ۽ ڪردار کي سڌارڻ لاءِ لازم آهي ته اڄ کان ئي ڪوشش شروع ڪريون، هڪڙي ڳالهه هميشه ياد رکجي ته ڪنهن جي زيادتي جي نتيجي ۾ پريشانين ۾ مبتلا ٿيڻ وارن کي ته ڪڏهن نه ڪڏهن سڪون ملي ٿو وڃي، پر پريشان ڪرڻ وارا سدائين بي سڪون ٿا رهن.

چو ته هيءَ دنيا مڪافاتِ عمل آهي
جهڙي ڪرڻي، تهڙي ڀرڻي

## فضول ڪمن ۾ زندگي ضايع ڪرڻ ناداني آهي

حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته ”منهنجي امت جو سڀ کان وڏو فتنو مال آهي“ اها ڳالهه بلڪل صحيح آهي، اڄڪلهه هن مال جي طلب ۾ هر فرد پريشان نظر ايندو ، نه حرام ڏٺو ٿو وڃي، نه حلال ۽ نه ڪنهن دوستيءَ جو لحاظ آهي نه مٽي مائٽي جو ، بس مال ۽ دولت اچي، ڪيئن به اچي، ڪٿان به اچي، ڪو قائدو آهي نه قانون، نه اخلاقي حدود وقيود جو لحاظ ٿو رکيو وڃي.

بيڪار ۽ فضول پوسٽ انسٽاگرام تي وجهي، يا اجايون ويڊيوز ٽڪ ٽاڪ تي ڏيئي پنهنجو ۽ ٻين جو وقت ضايع ڪرڻ عام ڳالهه ٿي وئي آهي، مقصد صرف هڪڙو ئي آهي ته ڪيئن به ڪري پئسا ڪمائجن ۽

شهرت حاصل ٿئي، اهي فضول ڪم ڪرڻ وقت پلجي به اهو خيال نٿو اچي ته صحيح آهي يا غلط، هن حد تائين دولت جي لالچ ۽ حرص وڌي ويو آهي جو دين، مذهب اخلاقي اقدار ۽ نيڪي ۽ بديءَ جو هر معيار وسري ويو آهي.

پنهنجو اٿڻ ويهڻ، ڪائڻ پيئڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ ٻين کي ڏيکارڻ مان ڇا مقصد آهي، صرف ڏيکاء ۽ نمائش ۽ جيئن ڄاڻ سڃاڻ وارن ۾ واه واه ٿئي، جيڪڏهن الله تعاليٰ جو فضل وڪرم شامل حال آهي ته ان جو شڪر ادا ڪجي. ڪٿي ڪنهن دعوت ۾ يا سيرو تفريح لاءِ وڃجي، يا ڪٿان ڪا خريداري ڪري اچجي ته انکي پڌرو ڪري سوشل ميڊيا تي لڳائڻ ضروري آهي؟ ۽ ان کان پوءِ هن ڳڻتيءَ ۾ ڳرڻ ته منهنجا ڪيترا ويوز آيا، ڪيترن لائيڪ ڪيو ۽ ڪيترا فالوئرز آهن، انهيءَ فڪر ۾ پريشان رهڻ ته سڀاڻي ڇا پوسٽ ڪرڻو آهي. ان لاءِ پنهنجون پرسنل ڳالهيون به شيئر ڪرڻيون پون ته پرواه ناهي.

ڪڏهن اها سوچ ذهن ۾ آئي ته اها قيمتي ۽ مختصر حياتي ڇا هنن فضول ڪمن ۾ وڃائڻ لاءِ ملي آهي زندگيء جا اهي املهه پل ايئن اجايا ضايع ڪرڻ تي الله کي ڪهڙو حساب ڏينداسين؟ پاڻ سوچيو ته جنهن امت جو اهو حال ٿي وڃي ته ان جو مستقبل ڇا ٿيندو ، جيڪا امت اهڙن فضول ڪمن ۾ مصروف ٿي وڃي ته اها ڪهڙا تخليقي ڪم سرانجام ڏيندي، اهو سڀ ڪجهه هڪ پورو ڪاروبار بڻجي ويو آهي ۽ هن ڪاروبار جاگراهڪ ڪير آهن، اسان جهڙا ماڻهو ، جيڪي بنان سوچ ۽ سمجهه جي هنن جون بيڪار وڊيوز ڏسي سندن ويوز وڌايون ٿا ۽ هنن جي ڪلپس تي ڪمينٽ لکي لکي پنهنجو قيمتي وقت وڃايون ٿا، ڇا ان جو پڇاڻو نه ٿيندو ؟

ڇا اسان ڪي لڳي ٿو ته هنن آنگرين جو حساب نه ڏيڻو پوندو ، جيڪي اهو سڀ ٽائيپ ٿيون ڪن، ڇا اسان ايئن سمجهيو آهي ته هنن اکين جو حساب نه ڏيڻو پوندو ، جن سان بيڪار شيون ڏسون ٿا؟ بلڪل اسان کان هر ڳالهه جي باري ۾ پڇا ٿيندي، اسانجا سڀ عضوا هر عمل جي شاهدي ڏيندا ڇاهي اهو نيڪ هجي يا بد، هر ڳالهه وائکي ٿي ويندي .

سورة"المؤمنون"۾ الله تبارڪ وتعاليٰ فرمايو آهي"قد افلح المؤمنون" مؤمن ڪامياب ٿي ويا، ۽ ڪامياب مومنن جون گهڻيون وصفون بيان ڪيون آهن، جن ۾ هڪڙي وصف اها پڻ آهي ته "اهي لغو کان اعراض ڪن ٿا". والذين هم عن اللغو معرضون" اهي اجاين ڳالهين کان پاسو ٿا ڪن جڏهن ته اسان جي زندگي لغويات سان پري پئي آهي، اهڙيون شيون جن جو ڪو فائدو ڪونهي، ۽ جنهن ڪي اسان معمولي تفريح ۽ وقت گذاري ڇئي نظر انداز ڪري ڇڏيندا آهيون، اها ڪهڙي تفريح آهي جنهن ۾ ٻين جي ذاتي زندگي ۾ جهاتيون پائي لطف اندوز ٿيندا آهيون، ٻين جون بيوقوفي واريون حرڪتون ڏسڻ ڪي جوڪ ڇئي جائز سمجهندا آهيون.

الله جو قانون آهي ته ڪا به قوم يا فرد هميشهه جي لاءِ ناهي هوندو هڪڙي مخصوص مدت جي لاءِ دنيا ۾ سڀ ايندا آهن، اها مهلت ڏيئي پرکيو ويندو آهي ته ڪير سٺا عمل انجام ٿو ڏئي ۽ ڪير دنياوي زندگيءَ کي راند ۽ تماشي ۾ ضايع ٿو ڪري، هر فرد ڪي هڪ خاص وقت تائين ڪم ڪرڻ جو موقعو ڏيئي جاچيو ٿو وڃي، سٺا ڪم ڪري يا خراب، آخر دنيا مان هليو ٿو وڃي، ان جي جاءِ تي ٻيا افراد ۽ ٻي قوم انهن جي جاءِ والاري ٿي .

محمد موسيٰ ڀٽو

# قاضي قادن جو ڪلام
## ۽ ان جي تشريح

ستو هوس ننڊ ۾، جوڳيءَ جاڳا يوس
مر وڃايائين مون منان، تت وڪايوس.

آئون ظاهري علم جي حصول کانپوءِ به، غفلت جي ننڊ ۾ ستل هوس، "خود شناسي" ۽ " خدا شناسي " جي دولت کان محروم هوس، نفس کي " پالڻ ۽ پوڄڻ " جي وسيع دنيا ۾، مستغرق هوس، جوڳيءَ ( درويش ) اچي مون کي هن غفلت جي ننڊ مان جاڳايو ۽ مونکي نفس جي معرفت ۽ ربّ جي معرفت جي راه تي گامزن ڪيو، ان کان پوءِ ئي، دل تي چڙهيل، نفس پرستيءَ جي " ڪٽ" لهڻ لڳي، ۽ حقيقت تائين رسائي جي، سعادت عظميٰ حاصل ٿئي.

اپري ۾ پير، ڪنهن لڌو پيريئين
تهه پوسندو پير، ڪوڙين منجهين ڪولهي

لکن ڪروڙن ماڻهن ۾، تمام گهٽ، اهڙا خوش نصيب افراد هوندا آهن، جن کي، محبوب سان محبت جي راه حاصل ٿيئي ٿي، ان ۾ به، فنائيت جا مقامات طئي ڪري، بقا جي مقام تي فائز ٿيڻ جي سعادت ته، تمام ٿورن ماڻهن کي حاصل ٿيندي آهي .

معرفت جي دنيا ۾ داخل ٿيڻ ان ڪري به، ڏکيو لڳي ٿو جو، رياست ۽ معاشري جا سڀئي ادارا، فردن کي، رات ڏينهن، ماديت جي وسيع سمنڊ ۾، غرق ڪرڻ جي ڪڍ لڳل آهن ۽ جيڪي ماڻهو، هڪ دفعو، ماديت جي وسيع سمنڊ ۾ داخل ٿيا ته پوءِ ان کي نفس جي سمنڊ کان سواءِ، ٻي ڪا دنيا نظر ئي نٿي اچي .

جي مهراڻ ميا ڪري، ته ساگرو سهي نه سٽ
يون پريان سندي ڳالهڙي، رهي نه اندر گهٽ

جڏهن درياء سنڌ ۾، طغياني اچي ٿي ته ان سان جڙيل نڊا واه، ان طغيانيءَ جي سٽ سهي نٿا سگهن يعني، پاڻي ايڏو گهڻو ٿو هجي، جو پرجي ڪنارن تان وهڻ لڳي ٿو.

محبوب حقيقيءَ جي انوار جي مثال به ائين ئي آهي ته جڏهن دل تي، انوار حسن جي بارش ٿيڻ لڳي ٿي ته دل، ان جي سٽ سهي نٿي سگهي ۽ بي خود ٿي وڃي ٿي.

اها، ” متوسط ” سالڪ جي حالت آهي، جو هو محبوب جي انوار جي لاءِ بيتاب ٿي وڃي ٿو ۽ ان بيتابيءَ جي ڪري، اڪثر اوقات هو، قابوءَ کان ٻاهر ٿي وڃي ٿو ۽ ان جي دل مان، دانهون نڪريو وڃن ۽ اهو هن کان، بي ساخته سر زد ٿئي ٿو.

ساڳي طرح، ” منهنجي ” دل تي جڏهن اها بارش ٿئي ٿي ته ان انوار کي، ٻين ڏانهن منتقل ڪرڻ لاءِ مضطرب ٿي وڃان ٿو .

الان جيهي ال تسان نه اسان جيتڙي
پريان جامع ال، تسان ٻيائي الهن.

متوسط سالڪ کي مخاطب ٿيندي، شاعر، چون ٿا ته، آتش عشق سان تنهنجي دل، اڃان سڙي ڪانهي، پوري طرح منور نه ٿي آهي، هن سان اڃان تنهنجي دل ۾ محبت جو مچ ناهي ٻريو، محبوب جي هستي ان انوار جي مرڪز آهي، جڏهن تون، ان جي حسن جي انوار سان سر شار ٿي ويندين، تنهنجي دل، انوار الاهيءَ سان، پوري طرح منور ٿي ويندي ته پوءِ ان مان، اهڙا الا نڪرندا,جيڪي ٻين جي دلين کي سوز عشق سان لبريز ڪرڻ جو موجب بڻجندا.

لڳي وڃان پير، دانهان ڪندي ڏونگر
سوئي سڄڻ ميڙ، جنهين هئون ڏکٽي.

محبوب جي لاءِ جبل جي چوٽي سرڪرٽي پوي ٿي ، جبل جي ڏکين پٿرن تي، پيرين پنڌ سفر ڪندي، دل مان اها صدا نڪري ٿي ته شال، ڏٺي اهي سڄڻ ملائي، جنهن جي لاءِ دل ماندي ۽ بيتاب آهي.

متوسط صوفيءَ جي حالتن جي عڪاسي آهي، جيڪو محبوب سان وصال جي لاءِ مسلسل سفر جي حالت ۾ آهي، يعني ذڪر وفڪر ۾ مراقبن ڪانسواءِ ان کي خوشي ۽ سڪون جالمحا مسير نٿا اچن، هن جي دل مان بس هڪڙي ئي صدا نڪري ٿي ۽ اها محبوب سان وصل جي ئي صدا آهي.

تون، تون تد ڪريهه، لڳنداءِ ڪر ڦند
جيئن
سائين سنپاريهه جن يهه روح سرجيا

جڏهن دنيا جي ڏکن، تنهنجي لاءِ سڀ رستا بند ڪري،توکي محبوب حقيقيءَ جي راه تي هلڻ لاءِ مجبور ڪيو ته، ان کان پوءِ تنهنجي اندر مان بي اختيار محبوب جون صدائون بلندٿيڻ لڳيون،زماني جي ستم ظريفي، تنهنجي روح کي، رب تعاليٰ ڏانهن راغب ڪيو ۽ توکي روح مطلق هستي تائين پهچائڻ جي صورت پيدا ڪئي، حديث شريف ۾ آهي ته، الله تعاليٰ جڏهن ڪنهن ٻانهي سان ڀلائي ڪرڻ چاهيندو آهي ته ان تي، مصيبت نازل فرمائيندو آهي، هن مصيبت جي سبب، ٻانهو پنهنجي گذريل گناهن واري زندگي کان توبه تائب ٿي، محبوب جي راه تي هلڻ لڳي ٿو_

( حديث پاڪ جا الفاظ ته ٻيا آهن پر، مفهوم هن سان ملندڙ جلندڙ آهي ).

سور جنهون کي هوءَ، ليهان تنهين اپرن
ڪاٽي ڪوءِ ڏنوءِ، دانهان ڪندو
سورين.

ڏکن جو ماريل انسان ئي، روئندو، رڙندو آهي، درد ڪانسواءِ ڪير آهي جيڪو روئي .

(جڏهن، بيوسي انتهائي درجي تائين پهچي ۽ ڏک جي جذبي جي اظهار لاءِ، الفاظ کٽي پون، تڏهن، اکين مان ڳوڙها ڪرندا آهن ) دنيا ۾ اهو دستور آهي ته جڏهن، محبوب جي لاءِ درد ۽ عشق ۾ بيتابي وڌي ٿي، تڏهن دل مان دانهون نڪرن ٿيون، اها ” متوسطه “ صوفيءَ جي حالت آهي، جنهن جي دل مان، بي ساخته طور تي، محبوب حقيقيءَ لاءِ آهون ۽ دانهون نڪرن ٿيون، جنهنکي ٻڌي ماڻهو ڏکيو وڃن.

ڪاگد ڪالي اکرين، مون سان مون
سيٽين
گهوري کٽي وڃائيان، وي مندي نيٽين

ڪتابي ڪاغذ جو، مس جي ڪارن اکرن سان جيڪو تعلق آهي، اهي هڪ ٻئي جي لاءِ لازم ۽ ملزوم هوندا آهن، بالڪل اهڙي طرح جو تعلق مون کي پنهنجي محبوب سان آهي، محبوب حقيقيءَ منهنجي دل جي تختيءَ تي، پنهنجي نالي جي نقش کي اهڙو چٽو لکيو آهي، جو هاڻي اهو نقش، جدا ٿيڻ جو نالو نٿو وٺي، منهنجا پرين منهنجي دل جو حصو ، بلڪه قيمتي ورثو بڻجي چڪا آهن، منهنجي ابدي حياتي انهن سان وابسته آهي، منهنجيون اهي ” اکيون “ جيڪي، محبوب جي مشاهدي کان قاصر آهن، اهي، ان قابل آهن، جو کين ڪڍي ۽ اڇلائي ڇڏجي۔ يعني جيڪي اکيون، محبوب ڪانسواءِ ٻين کي محبت سان ڏسن ٿيون، اهي، دل جي اکين جي سجاڳي جي راه ۾، رڪاوٽ آهن، ۽ محبوب ڪانسواءِ ٻين شين ۾ مصروفيت جو موجب آهن، اهڙين اکين جي مونکي ضرورت ڪانهي، بلڪ، اکيون ته ڇا، محبوب جي لاءِ آئون، هر شئي فدا ڪرڻ لاءِ تيار آهيان .

ڪاگد ڪالي اکرين مٿن واچيندا اڻ وڏو
سڄڻ اڇين اکرين مٿن لوڙيندي لڌو.

ڪتابي ڪاغذ تي نقش ٿيل ڪارا اکر اهڙا آهن، جن کي آئون سولائيء سان پڙهي سگهان ٿو ، اهڙي طرح منهنجي محبوب جي پاڪ نالي وارو لفظ به جيڪو منهنجي دل تي نقش آهي،ان کي مون، دل تي چٽيل سڀئي نقش مٽائي، پڙهڻ جي صلاحيت حاصل ڪئي آهي، دل جي اونهاين ۾ لڪل محبوب جي هن نقش کي مون دل جو حصو بڻايو آهي، هاڻي، دل مان ٻيا سڀ نقش مٽجي ويا آهن، دل ۾ بس، محبوب جا انوار باقي بچيا آهن، هن مقصد جي لاءِ مون کي ڊگهي عرصي تائين مجاهدا ڪرڻا پيا، تنهن کان پوءِ وڃي اها، ” سعادت عظميٰ “ حاصل ٿي ۔

ليهان لک ڪيام، پسڻ کي پاڻان پرين
سوجهي سيڻ لڌام، من منهنجين ئي
سپرين

محبوب جي مشاهدي جي لاءِ مون کي طويل مجاهدا ڪرڻا پيا، لکين مصيبتن ۽ تڪليفن مان گذرڻ ڪانپوءِ وڃي، مون کي محبوب جي معرفت جو اهو مقام حاصل ٿيو، جتي هاڻي دل ۾، محبوب ئي محبوب وسي ٿو۔ محبوب ڪانسواءِ، سڀ خواهشون ختم ٿيون، منهنجا محبوب حقيقي ته، هميشه کان منهنجي دل جي گهراين ۾ موجود هئا، دل کي مادّي ڪثافتن کان پاڪ ڪرڻ کان

پوءِ، محبوب جا انوار حسن، صاف نظر اچڻ لڳا آهن، محبوب جي وصال جي مستقل سعادت جي لاءِ مون کي، هماليه جبل جيڏيون چوٽيون چڙهڻيون پيون، ان رستي ۾، ايڏين تڪليفن مان لنگهڻو پيو، جو بيان کان ٻاهر آهن .

روئي م ڪر پڌرو، هٿ منجهيئي حال
جان، جان پريان نه مڙءِ، تن ڪانيءَ جيئن
بال

ماڻهن جي سامهون روئي، پنهنجي دل جي حالت کي ظاهر نه ڪر، محبوب جي راه تي، استقامت سان هلندو رهه، جيستائين، محبوب سان حالت وصال جو مقام نٿو حاصل ٿئي، تيستائين، ” عشق جي باهه “ ۾ سڙندو رهه “.

عارف شاعر، متوسط صوفيءَ کي نصيحت ڪندي چوي ٿو ته متان، محبوب جي لاءِ انجو اضطراب ۽ بيچيني، ماڻهن جي سامهون، ظاهرٿي وڃي، محبوب جي لاءِ، جي رت جا ڳوڙها به ڳاڙڙا پون ته اهو ڪم، اڪيلائيءَ ۾ ڪر، ماڻهن کان، پنهنجا اندروني حالات، جيترا لڪائي سگهين اوترا، لڪاءِ، چو ته محبوب جي ڏک کي ظاهر ڪرڻ ۽ ان جي راز کي کولڻ جا، فائدا گهٽ ۽ نقصان وڌيڪ آهن. ان سان، ماڻهن ۾ شهرت حاصل ٿئي ٿي ۽ پنهنجي ذاڪر هجڻ جي دعويٰ جو خطرو لاحق ٿئي ٿو۔

هسئن ڪت سهجڙي روئن ڪي ناهين
پريان پسڻ جوڳيان، اک تو ناهين.

حيرت آهي ته محبوب کان محرومي، انکان دوريءَ جي حالت جي باوجود تون، پنهنجي باطني حالتن تي ڏک ڪرڻ بدران، ڪلندو رهين ٿو ۽ اجاين ڳالهين ۾، وقت وڃائين ٿو. توکي ته پنهنجي حالت تي روئڻ گهرجي، چو ته تنهنجي ” دل “ جيڪا، محبوب جي مشاهدي جي صلاحيت رکي ٿي، تون ان ( دل ) جي خاطر خواه صفائي ڪري، ان مان فائدو حاصل ڪرڻ کان غافل آهين.

پريان سندي ڳالهڙي، مر منجهين ئي
هوءِ
پڌائين پين کي، ڪيهو ڪاج سريوءِ؟

محبوب جا اسرار اهڙا آهن، جنکي دل ۾ ئي رهڻ ڏجي، انهن جو، ظاهر ڪرڻ سٺو ناهي، انهن رازن کي کولڻ مان، آخر توکي ڇا ملندو ؟ “

عارف شاعر، ” مبتدي ۽ متوسط “ صوفيء کي تلقين ڪن ٿا ته، ”راه سلوڪ “ ۾ هلندي، انهن کي، ٻي دنيا جا جيڪي مشاهدا حاصل ٿين، القاء ڪشف ۽ الهام وغيره جي صورت ۾ ته، انهن کي ڪپي ته، انهن مشاهدن کي هو، محبوب جا اسرار سمجهن، محبوب جي رازن کي ظاهر ڪرڻ مان، فائدي کان وڌيڪ، نقصان جو انديشو آهي، هڪڙو وڏو نقصان ته اهو آهي ته، پنهنجي بزرگيءَ جي دعويٰ پيدا ٿئي ٿي ۽ نفس جي فريب جي صورت پيدا ٿئي ٿي، ٻيو نقصان اهو ته، رازن جي فاش ٿيڻ سان، محبوب جي نظر ۾، سالڪ جي اها حيثيت ته هو، ” اعتماد جي قابل آهي، محبوب جي رازن کي راز ۾ رکي سگهي ٿو “ اها باقي نٿي رهي.

وچاران وي پٽ، تون جهل ٻاهر نڪري
اسان هنجئون هٿ ڪامئن، لوسئن
منجهه ٿيو.

" سالڪ " جيڪي، آتش عشق جي ٻنيءَ ۾ سڙي رهيا آهن، اجان سندن دل جي ٻنيءَ ۾، عشق جي باهه، پوري طرح ٻري ڪانهي، ان ٻنيءَ جي سوراخن مان، ٻاڦ نڪرند پئي، جنهن مان لڳي پيو ته هو، اجا خام آهي، هنن سوراخن کي بند ڪرڻ ڪانپوءِ ئي اها، ٻني ڪندن ٿي سگهندي.

مٿين بيت ۾، هن ڳالهه ڏانهن اشارو آهي ته، متوسط صوفيءَ کي، سيني شين کان يڪسو ٿي، محبوب جي محبت ۾ مستغرق ٿي وڃڻ کپي، دل جي انهن سوراخن کي بند ڪرڻ گهرجي، جتان، مادي حسن ۽ مادي محبت جا اثرات، داخل ٿي رهيا آهن، شعر جي ٻئي حصي ۾ شاعر فرمائين ٿا، ته اسان جي حالت اها آهي جو محبوب جي در تي پيا آهيون، آتش عشق ۾ سڙي خاڪ ٿي رهيا آهيون.

انهان اندر ماهه، ٻاهر ڏڪ نه پڌرا
ويد ڪريندو دانهه، پسان سي واڍ وڙيا

عاشق صادقن جي حالات جي عڪاسي ڪندي چون ٿا ته، انهن جي دل عشق جي زخمن سان چور، چور آهي، سندن ظاهري جسم تي ته ڪو ڦٽ ڪونهي، پر انهن جو باطن محبوب جي تيرن سان زخمي آهي، هو بظاهر ته، هلندي ڦرندي نظر اچن ٿا پر، آتش عشق سندن دل کي، اهڙو ساڙي ڇڏيو آهي جو وڏا داناء طبيب به حيرت ۾ آهن ته هي، زنده ڪيئن آهن؟ عشق جي زخمن، عاشق کي دنيا ۽ ان جي شين کان بي نياز ڪري، محبوب جي رحم وڪرم تي ڇڏي ڏنو آهي.

ڪڏهين ٻيري ٻور، ڪڏهين ڦل نه
هڪڙو
ڪڏهين پريان جاپور، ڪڏهين سڪان
سڏڪي.

جيڪا حالت، ٻير جي وڻ جي آهي، ڪڏهن ان تي ٻور لڳي ٿو ، ڪڏهن ان جا پن سڪي ڇڻن ٿا ۽ هڪڙو به گل نٿو رهي.

مون سان محبوب جو معاملو به اهڙي طرح جو آهي، جيڪڏهن، مشاهدي سان نوازين ٿا ته، بار بار اها سعادت عطا فرمائين ٿا ۽ ڪڏهن ته، انوار حسن جي معمولي شعائن لاءِ به سڪائين ٿا، اها، سلوڪ جي راه تي هلندڙ صوفيءَ جي حالتن جي عڪاسي آهي، جيڪو ڊگهي عرصي تائين انوار جي، اچڻ ۽ انوار جي کسجي جي ڪيفيات کي منهن ڏئي ٿو.

" قبض وسط " جي ذريعي جڏهن، نفس جون، سرڪش قوتون مطيع ٿي وڃن ٿيون ته ڪيفيات جي ادل، بدل جي اها صورت، گهٽي حد تائين ختم ٿي وڃي ٿي ۽ مزاج ۾، ٺهراء پيدا ٿئي ٿو .

سوئيڙيان سنهڙو، جي تن ڪيوءِ نه
تيئن،
توکي اکڙين ۾، پرين پائيندو ڪيئن؟

محبوب جا انوار حسن، ايڏا لطيف آهن، جو تنهنجي نازڪ دل ۾، سئولائي سان جذب ٿي سگهن ٿا، پر افسوس جو تو، دل کي محبوب جي انوار حسن سان سر شار ڪرڻ لاءِ، ممڪن حد تائين ڪاوش ئي نه ڪئي آهي. اهڙي صورت ۾، محبوب جي حسن مان لطف اندوز ٿيڻ جي تمنا ۽ خواهش، ڪهڙي ڪم جي ؟ جڏهن ته محبوب جي ذڪر و فڪر جي مجاهدن ۾ جيستائين، آخري حد تائين توانائيون خرچ نه ٿين ۽ جسم وجان جون سڀ طاقتون استعمال نه ٿين تيستائين، محبوب جي

وصال جي خواهش بي معنيٰ آهي، سموري ڪائنات جي خالق هستيءَ جي، حسن مان فيضابي جي اها عظيم نعمت، سئولائيءَ سان ته نٿي ملي سگهي، جسم وجان جي سمورين صلاحيتن جي بدلي ۾ ئي اها ” دولت “ حاصل ٿي سگهي ٿي.

روز محشر ڏينهڙي، ستر سڄ تپن
سپوئي جهڙ پانئيان، جي مون پرين
مڙن.

قيامت جي ڏينهن جڏهن، هڪ نه پر ستر سڄ، پنهنجي شديد تپش سان، سامهون هوندا، ان وقت منهنجي آرزو ته بس اها هوندي ته مونکي، محبوب جو ديدار نصيب ٿئي، آئون سج جي گرميءَ کان نٿو ڊڃان، بلڪ محبوب جي مشاهدي جو حريص آهيان، منهنجي جسم ۾ جان تڏهن ايندي جڏهن، محبوب جي مشاهدي جي، سعادت عظميٰ حاصل ٿيندي، ان وقت سڀئي ڏک ختم ٿيندا ( ۽ سج جي تپش ۾ مونکي جهڙ جهڙي تڏڪار ۽ ڇانو محسوس ٿيندي ) جي مون کي محبوب حقيقيءَ جو وصال نصيب ٿئي ).

جيڪي هن دنيا ۾، محبوب جي انوار حسن سان سرشار رهيا، ٻي دنيا ۾ به محبوب انهن کي ضرور، پنهنجي مشاهدي سان فضياب ڪندو،جيڪي عارف، هن حياتيءَ ۾، محبوب جي لاءِ بيچين رهن ٿا، انهن کي محبوب، ابدي حياتيءَ ۾ ڪيئن، محروم رکندا ؟

جي تهه لائي وڃ مڇ، توچپڻ لڪڻ
لاهه،
زهر هلا هل هٿ ڪر، ڪارڻ پريان ڪاءِ.

جيڪڏهن تو، محبوب حقيقيءَ سان محبت جي راه، صدق دلي سان اختيار ڪئي آهي ته، عشق کي لڪائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي، ماڻهن جي سامهون، قيل و قال ۽ عذر و معذرت ڇو ؟ پاڻ کي، ديوانن وانگر سچو عاشق بڻاءِ، زهر هلا هل، هٿ ڪري، پنهنجي مادي ۽ جسماني وجود کي ان سان فنا ڪر، ايئن پنهنجي نئين روحاني زندگيءَ کي طاقتور ڪر ته، محبوب جي وصال جي نعمت حاصل ٿيئي ( ذڪر ۽ مراقبن ذريعي، ” نفس امّاره “ کي فنا ڪري، ” نفس مطمئنه “ جي درجي تي پهچاءِ ته ربّ جي رضا حاصل ٿيئي.)

توڙي هوءِ نه وسهون، مئن سهسين
ماڙهئين
اکين ڪين متاع، جتي هوئن مان پرين.

مادي حسن جي دولت سان بهره ور، ڪٿي لکين ماڻهو، موجود هجن، پر منهنجي اکين کي انهن جو حسن، فريب نٿو ڏيئي سگهي، انهن جو حسن منهنجي لاءِ بي معنيٰ آهي، منهنجي لاءِ ان جي حيثيت، مٽيءَ جي ڍير کان وڌيڪ نه آهي، ڇاڪاڻ ته، بظاهر نظر اچڻ وارو اهو حسن، مٽِيءَ مان ئي ته، خلقيل آهي ۽، جسماني حسن کي آخر ڪار ، مٽيءَ سان ملي، مٽيءَ جو حصو بڻجي وڃڻو آهي ( هر شئي پنهنجي ” اصل“ ڏانهن موٽي ٿي ) جيڪو مادّي حسن، مٽيءَ جو حصو بڻجي فنا ٿي وڃڻ وارو هجي ان جي محبت، ڪهڙي اهميت رکي ٿي؟ منهن جي اکين کي تسڪين ته، محبوب حقيقيءَ جي مشاهدي سان ئي ملي سگهي ٿي، منهنجي دل، سموري مادي حسن کان بي زار ٿي، محبوب جي انوار حسن تي فدا ٿي

وئي آهي، ان کان سواءِ هن جي خواهش جي تڪميل، ٻي ڪنهن شئي سان نٿي ٿي سگهي.

تڪو تيڏو ئي وهي، جيڏو منهن مهراڻ
ڏيهه سڀو ئي هڪڙو، ڏير لڌو سين ڀاڻ،

محبوب جي انوار جو مثال، سنڌو درياهه ۾ وهندڙ، تيز پاڻي وانگر آهي، هن پاڻيءَ سان، سڄو ملڪ سيراب ٿيندو رهي ٿو، محبوب جا انوار، پڻ وانگر اسان جي دل ۾ به آهن، اسان خود شناسيءَ جي ذريعي، محبوب جي انوار حسن تائين رسائي حاصل ڪري ورتي آهي.

ٻاڙيءَ ۾ ٻڙهيڪڙو، سومون گهٽو سهاءِ
نار ولاسي سڄڻان، چڙي پيي وٽراءِ.

جسم ۾ جيتوٽيڪ، دل ته هڪڙي ئي آهي پر، سڄي جسم ۾ اها دل ئي ته آهي جيڪا، محبوب جي انوار حسن مان لطف اندوز ٿيڻ جي، استعداد سان بهره ور آهي، باقي جسم ڇا آهي، اهو ته، مٽيءَ جو ڍير آهي، ان جي ڪهڙي حيثيت؟ دل جي ڪري ئي ته جسم، اهميت رکي ٿو ، جهڙي طرح جهنگ ۾، ٻڙ جو وڻ، هڪڙو ئي هجي ٿو ، جيڪو، گرميءَ جي موسم ۾ ٿڌڪار جي احساس سان، فرحت بخشي ٿو، اهائي حالت، انساني جسم ۾ ” دل “ جي آهي، دل، جيڪڏهن، محبوب جي محبت سان آشنا آهي ۽ محبوب جي انوار سان سينگاريل آهي ته پوءِ ان دل جي ذريعي سڄو جسم منور ٿي وڃي ٿو.اهڙي طرح فرد، ذهني ۽ نفسياتي بيمارين ۽ اعصابي دٻاءَ کان بچي وڃي ٿو.

ماهَ مصلي وير، هاڻي ويئي وساريون
عيد ڪريندو ڪير ماکي سڄڻ گڏيو.

محبوب سان، محبت جي مضبوط تعلق کان پهرين، منهنجي اها حالت هئي جو، نماز سان منهنجي طبقي مناسبت، پيدا ٿي نه سگهي هئي، نماز جي ادائيگي فرض جي هڪ صورت هئي، هاڻي جڏهن، درد عشق سان واقفيت ٿي آهي، ۽ محبوب سان وصال جا مقامات طئي ٿيا آهن، ته، نماز ته خير نماز آهي، منهنجي حياتيءَ جو هر پل ” عبادت ۽ عبوديت “ جي ڪيفيت ۾ بسر ٿئي پيو، هاڻي منهنجي لاءِ محبوب جو هر حڪم، لذت جو ذريعو بنجي ويو آهي، درد عشق، منهنجي سڄي زندگيءَ کي، محبوب جي رضا ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي.

جيئن ڦقرماهه ۾، ايئن روزا عيد نماج
اجا آهي ڪاءِ ٻي، الله دي حاج

انساني جسم ۾ جيئن ڦقرن جي اهميت آهي، اهي، رت جي صفائي ۽، ساهه کڻڻ جو ذريعو آهن، انهن سان ئي جسم ۾ جان آهي، روزا، عيد ۽ نماز به، اسلام ۾ اهڙي اهميت رکن ٿا، اهي اسلامي فرائض آهن. پر، فرضن ۾ ” روح“ انوقت پيد ٿيندي آهي جڏهن، آتش عشق جي ذريعي، نفسي قوتون پائمال ٿين ٿيون، ۽ روح جو، ” روح مطلق “ هستيءِ سان تعلق مضبوط ٿيئي ٿو، ان کان پوءِ اهي فرائض، محض رسمي ادائيگيءَ تائين محدود

نٿا رهن. بلڪ انهن، فرضن جي ادائيگيءَ جي ذريعي مؤمن ٿِيانهو، محبوب حقيقيءَ سان قرب جا مرحلا طئي ڪندو رهي ٿو.

پڙهو ڦٽو پيٽ ۾، وڃي ملان ماهه
ڏوئين ڏتي ڏوڙ ۾، الله اوري آءُ

معاشري جي افراد جو سڀ کان وڏو الميو اهو آهي ته سندن، دل مري وئي آهي، دل جي مرده ٿيڻ سان، سڄو جسم، ناپاڪ ٿي ويو اٿن، حقيقت کان نا واقف ملان ۽ اڄ جاڻ طبيب، اصل بيماريءَ کي سمجهي، ان جي علاج جو فڪر ڪرڻ بدران سڄو ڌيان، جسماني علاج تي ڏيئي، آپريشن مٿان آپريشن ڪري رهيا آهن ۽ معاشري جي افراد جي، جسماني صحت جي بهتري لاءِ، نوان، نوان نسخا تجويز ڪري رهيا آهن، پر بيماري ته لڳاتار وڌندي پئي وڃي ۽ افراد معاشره جي دلين ۾ موجود فساد جي ڪري، ڪابه شئي ان جي زهريلي اثر کان بچي نه سگهي آهي، انهن حالتن ۾ محبوب حقيقيءَ کان دعا آهي ته اهو، اسان کي خود فريبيءَ مان ڪڍي خودشناسي جي واٽ نصيب فرمائي .( آمين )